روزاني
سنڌيار
سکر
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR Sukkur
www.dailysindhyar.com
(جلد پهريون) سومر 13 فيبروري 2023ع بمطابق 21 رجب المرجب 1444ھ (قيمت 10 رپيا) شمارو 261

قمر جاويد باجوه سان اختلاف تڏهن پيدا ٿيا جڏهن هُن ملڪ جي وڏن ڏوهارين جي حمايت شروع ڪئي: عمران خان

جنرل باجوا جا شهباز شريف سان ويجها لاڳاپا هئا، انهن لاڳاپن جي نتيجي ۾ رجيم چينج آپريشن جو رستو کليو

فوج جي سمورين پاليسين جو دارومدار رڳو هڪ فرد جي شخصيت تي هوندو آهي، جنرل باجوا جي هاڪاري لاڳاپن سان منهنجي حڪومت کي پاڪ فوج جي حمايت حاصل رهي

باجوا طرفان ڪجهه وڏن ڏوهارين جي حمايت سبب مسئلا پيدا ٿيا، باجوا چاهيو ٿي ته پي ٽي آءِ حڪومت چورن جي ڪرپشن معاف ڪري ۽ انهن سان گڏجي ڪم ڪري

نئين عسڪري قيادت ۾ تاثر آهي ته رجيم چينج آپريشن ناڪام ٿي چڪو، باجوا جا شهباز شريف سان ويجها لاڳاپا هئا. انهن لاڳاپن جي نتيجي ۾ رجيم چينج آپريشن جو رستو کليو

عوام جي چونڊيل حڪومت وٽ ذميواري سان گڏ اختيار به هجڻ گهرجن، اختيار آرمي چيف وٽ هجن ۽ ذميواري وزيراعظم وٽ ته نظام نٿو هلي سگهي

عالمي لاڳاپا ذاتي انا نه پر ملڪي مفادن تحت هجڻ گهرجن، پاڪستان جي ماڻهن جو مفاد ان ۾ آهي ته اسان جا آمريڪا سان بهترين واپاري لاڳاپا هجن: آمريڪي نشرياتي اداري کي انٽرويو

لاهور: (آئوٽ) 12 فيبروري 2023ع) پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان چيو آهي ته جنرل باجوا جا شهباز شريف سان ويجها لاڳاپا هئا. انهن لاڳاپن جي نتيجي ۾ رجيم چينج آپريشن جو رستو کليو. آمريڪي نشرياتي اداري کي انٽرويو ڏيندي عمران خان چيو ته فوج جي سمورين پاليسين جو دارومدار رڳو هڪ فرد جي شخصيت تي هوندو آهي، جنرل باجوا جي هاڪاري لاڳاپن سان منهنجي حڪومت کي پاڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

عمران خان لاءِ هڪ پاسي جنرل فيض ۽ ٻئي پاسي بابا رحمت موجود هو: مريم نواز

حڪومت ۾ اچڻ کانپوءِ اسان ميدان خالي ڇڏي ڏنو آهي، اپوزيشن جي دور ۾ متحرڪ رهيا آهيون، مياں صاحب جي موجود نه هجڻ سان جماعت جي ڪارڪردگي متاثر ٿي رهي آهي

ون تي لڳايل الزام ڪٿي آهن؟ مون کي نااهل ڪيو ويو مان اهل ٿي ويس، هفتي ۾ 6 ڏينهن اسان جي نيب ۾ پيشي هوندي هئي ٿي پيشي تي پلاستر واري تصوير اچي ويندي آهي

عمران خان لاءِ هڪ پاسي جنرل فيض ۽ ٻئي پاسي بابا رحمت لڳل هو عدليا ان کي ڪيس ڪليل ڇوٽ ڏئي رهي آهي، عمران خان سان هڪڙو ۽ اسان سان ٻيو رويو اختيار ڪيو ويو

آءِ ايم ايف سان اسان ڪو معاهدو نه ڪيو، عمران خان جي پيچڪڙي سبب شرط وڌيڪ سخت ٿي ويا، شرط پورا نه ڪندا سين ته ڊيفالٽ ٿي وينداسين، عمران خان جي خواهش آهي ته ملڪ ڊيفالٽ ٿي وڃي

شاهد خاقان عباسي پاڻ وضاحت ڪري ڇڏي آهي، هو ڪاوڙيل ناهي، 30 سالن کان منهنجي پيءُ سان گڏ هلي رهيو آهي

جيڪڏهن شاهد خاقان عباسي منهنجي حوصلا افزائي ڪندو ته سٺي ڳالهه آهي، چونڊ مهم جي نگراني نواز شريف ئي هلائي سگهي ٿو اسلام آباد ۾ صحافين سان غير رسمي گفتگو

اسلام آباد: (م د) ن ليگ اڳواڻ مريم نواز چيو آهي ته عمران خان لاءِ هڪ پاسي جنرل فيض ۽ ٻئي پاسي بابا رحمت لڳل هو عدليا اڄ به ڪيس ڪليل ڇوٽ ڏئي رهي آهي، عمران خان سان هڪ ۽ اسان سان ٻيو رويو اختيار ڪيو ويو. اسلام آباد ۾ صحافين سان غير رسمي گفتگو ڪندي حڪومت ۾ اچڻ کانپوءِ اسان سائيڊ تي ميدان ڇڏي ڏنو آهي، اپوزيشن جي دور ۾ متحرڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

اسلام آباد: ن ليگ اڳواڻ مريم نواز صحافين سان ڳالهائي رهي آهي

ننڪاڻه صاحب ۾ توهين مذهب جي مبينا جوابدار کي مارڻ جو ڪيس داخل

جوابدار وارث علي خلاف به 295 بي تحت ڪيس داخل ڪيو ويو

جوابدار کي مارينڊڙن خلاف ايف آءِ آر سيل ڪئي وئي آهي: پوليس

ننڪاڻه صاحب (م د) ننڪاڻه صاحب ۾ توهين مذهب جي مبينا جوابدار کي ٿاڻي مان ڪڍي تشدد ڪري مارڻ جي واقعي جو ڪيس داخل ڪيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

شاهد خاقان عباسي پارٽي ٽڪيٽ تي چونڊ وڙهڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو

چونڊ ن ليگ جي ٽڪيٽ تي ئي وڙهندس: شاهد خاقان عباسي

نئين پارٽي نٿو ناهيان، اهي سڀ افواهه آهن: نجي ٽي وي چئنل سان ڳالهيون

لاهور (م د) اڳوڻي وزيراعظم ۽ ن ليگ اڳواڻ شاهد خاقان عباسي پارٽي ٽڪيٽ تي چونڊ وڙهڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو الحمرا آرٽس ڪائونسل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

انقره: زلزلي سبب ڪري پيل عمارت مان ريسڪيو عملدار لاش ڪڍي رهيا آهن

ترڪي ۽ شام ۾ خوفناڪ زلزلي کانپوءِ فوتين جو انگ 28 هزار کان وڌي ويو

ترڪي جي انصاف واري وزارت ناقص اڏاوت ۾ ملوث ماڻهن جا گرفتاري وارنٽ جاري ڪري ڇڏيا

ترڪي ۾ زلزلي سبب 6 هزار عمارتون تباهه ٿي ويون، هزارين ماڻهو زخمي ٿي پيا

گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل انتونيو گوتريس سلامتي ڪائونسل تي زور ڏنو

انقره: (م د) ترڪي ۽ شام ۾ خوفناڪ زلزلي کانپوءِ فوتين جو انگ 28 هزار کان وڌي ويو آهي، پرڏيهي خبررسان ادارن موجب ترڪي ۾ 24 هزار 617 ۽ شام ۾ 3 هزار 574 ماڻهو فوت ٿي چڪا آهن. ٻئي طرف ترڪي جي انصاف واري وزارت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

گڏيل حڪومت جي مجرمانه غفلت سبب عوام تڪليف ۾ آهي: وزيراعظم شهباز شريف

سج ۽ هوا سان بجلي جي پيداوار کي هٿي ڏيڻ حڪومت جي ترجيح آهي، جديد ذريعن سان گهٽ لاڳت وارو ۽ ماحول دوست بجلي پيدا ٿيندي

پي ٽي آءِ جي مجرمانه غفلت سبب عوام تڪليف ۾ آهي، لاڳاپيل ادارا حڪمت عملي ڏين

اسلام آباد (م د) وزيراعظم شهباز شريف چيو آهي ته پي ٽي آءِ حڪومت جي مجرمانه غفلت سبب عوام تڪليف ۾ آهي، وزيراعظم جي صدارت هيٺ اجلاس ٿيو، اجلاس ۾ وزيراعظم شمسي ۽ پون توانائي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف اجلاس جي صدارت ڪري رهيو آهي

پ پ، (ن) ليگ ۽ جي يو آءِ جي اسڪروٽني تي پي ٽي آءِ جا اعتراض رد

اسلام آباد (بيورو) اليڪشن ڪميشن پ پ، (ن) ليگ ۽ جي يو آءِ (ف) جي اسڪروٽني ۾ دير تي پي ٽي آءِ جا اعتراض رد ڪري ڇڏيا. اليڪشن ڪميشن پيپلز پارٽي، مسلم ليگ (ن) ۽ جي يو آءِ (ف) جي فنڊن جي اسڪروٽني تي اڳيرائي بورٽ اسلام آباد ها، ڪورٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

پي ڊي ايم طرفان ننڍي چونڊ ۾ حصو نه وٺڻ جي صلاح تي پيپلزپارٽي جو مشاورت جو فيصلو

پيپلزپارٽي طرفان ننڍي چونڊ لاءِ پنهنجي نامزد اميدوارن سان مشاورت ڪئي ويندي: ذريعا

نامزد اميدوارن سان مشاورت ڪانپوءِ ننڍي چونڊ ۾ حصو وٺڻ يا نه وٺڻ بابت فيصلو ڪيو ويندو

ڪراچي (م د) پاڪستان ڊيموڪريٽڪ موومينٽ (پي ڊي ايم) طرفان ننڍي چونڊ ۾ حصو نه وٺڻ جي تجويز تي پيپلزپارٽي مشاورت جو فيصلو ڪيو آهي، ذريعن موجب پيپلزپارٽي طرفان ننڍي چونڊ لاءِ پنهنجي نامزد اميدوارن سان مشاورت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

پنجاب ۾ فلور مل مالڪن جو اڄ کان هڙتال جو اعلان، اٽو غائب

پنجاب حڪومت هڙتال جو سبب بڻجندڙ 12 فلور ملن جو ڪٽڪ جو ڪوٽا معطل ڪري ڇڏيو

ڪراچي، لاهور، پشاور ۽ ڪوئيٽا سميت مختلف شهرن ۾ به مرغي جي اگهن ۾ واڌ ٿي وئي

فلور مل مالڪ بليڪ ميلنگ ۾ نه ايندا، هڪ ڪلو مرغي جو اگهه 600 رپيا ٿي ويو آهي: سيڪريٽري فوڊ پنجاب

لاهور: (م د) لاهور ۾ هڪ ڀيرو ٻيهر دڪانن مان اٽو غائب، فلور مل مالڪن ڪالهه کان پنجاب ۾ هڙتال جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي. 10 ڪلو سرڪاري اٽي جو سبسڊي وارو ٿيلهو اڪثر دڪانن تي موجود ناهي، جڏهن ته 15 ڪلو ڪمرشل اٽي جي فراهمي به گهٽ ٿي وئي آهي. پنجاب حڪومت هڙتال جو سبب بڻجندڙ 12 فلور ملن جو ڪٽڪ جو ڪوٽا معطل ڪري ڇڏيو آهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

عمران خان جيل ڀريو تحريڪ تي جلد يوٽرن وٺندو: شرجيل انعام ميمڻ

هي ماڻهو هڪ ڏينهن جيل وڃن ٿا ته روئڻ پٽڻ شروع ڪري ڇڏين ٿا. عمران خان غير سياسي دماغ آهي

اعلان ڀڃيان ڪندو آهي سوچيندو پوءِ آهي، جيڪڏهن عمران خان ۾ همت آهي ته سڀ کان پهرين هو پاڻ پنهنجي گرفتاري پيش ڪري

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي اطلاعات کاتي واري وزير شرجيل انعام ميمڻ عمران خان جي خطاب تي ردعمل ڏيندي چيو آهي ته عمران خان جيل ڀريو تحريڪ تي جلد يوٽرن وٺندو. هي ماڻهو هڪ ڏينهن جيل وڃن ٿا ته روئڻ پٽڻ شروع ڪري ڇڏين ٿا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

ملڪ ۾ مهانگائيءَ جي طوفان عوام جي چيلهه ڀڃي ڇڏي

ڪڪڙ جي گوشت جي قيمت تاريخ جي بلند ترين سطح تي پهچي وئي

شهر ۾ ٽن ڏينهن دوران ڪڪڙ جي گوشت جي قيمت 100 رپيا وڌي

ڪراچي (م د) ملڪ ۾ مهانگائيءَ جي طوفان عوام جي چيلهه ڀڃي ڇڏي آهي ۽ سون ڪانپوءِ ڪڪڙ جي گوشت جي قيمت به تاريخ جي بلند ترين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

ڪراچي ۾ عوامي تحريڪ جو ”سنڌ جا وسيلا بچايو“ مارچ

جيڪو سنڌ خلاف ڪم ڪري پيو اهو هتان هليو وڃي، سنڌ ۾ هٽ وٺي مهانگائي ڪئي وئي آهي: اڳواڻ

سنڌ جا وسيلا وفاق حوالي ڪيا ويا آهن، هٽ سان سنڌ جي وسيلن کي ڌارين حوالي ڪيو ويو آهي

عوامي تحريڪ جو مارچ مهانگائي، دهشتگردي، بدامني ۽ سنڌ جي وسيلن جي ڦرلٽ خلاف آهي

ڪراچي (م د) ڪراچي ۾ عوامي تحريڪ جو ”سنڌ جا وسيلا بچايو“ مارچ شروع ٿي ويو. عوامي تحريڪ پاران ”سنڌ جا وسيلا بچايو مارچ“ ريگل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 35

عوام تي 17 ارب 19 ڪروڙ رُپين جو بوجهه وجهڻ جي درخواست نيپرا کي ملي وئي

اسلام آباد (بيورو) بجلي ڪمپنين واهپيدارن کان سترنهن ارب اڻويهه ڪروڙ اسي لک رُپيا اوڳاڙڻ جي اجازت گهري ورتي آهي. بجلي جي ورڇ ڪندڙ ڪمپنين هلندڙ مالي سال جي ٻي ٽه ماهي ايڊجسٽمينٽ جي مد ۾ نيشنل اليڪٽرڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 34

ڪپري ۾ 2 ڏينهن اڳ گم ٿيل گهوٽ جو لاش هٿ، سندس گرفتار

نوجوان ٻه ڏينهن اڳ گم ٿي ويو جنهن بابت ڪاهي پوليس کي اطلاع ڏنو ويو

پوليس دولت جي والد جي فرياد تي فتيو ڪولهي تي ڪيس داخل ڪري ڪيس گرفتار ڪري ورتو

ڪپرو (رپورٽر) ڪپرو ۾ ٻه ڏينهن اڳ گم ٿيل گهوٽ دولت ولد اتم جو رتوڪرٽ ويجهو توري جي فصل ۾ تشدد ٿيل لاش هٿ آيو. نوجوان ٻه ڏينهن اڳ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 36

سنڌ حڪومت جو موسمياتي تبديلي بابت يونيورسٽين ۾ الڳ مضمون متعارف ڪرائڻ جو فيصلو

ماحولياتي تبديلي جي اثرن سبب سنڌ وڌيڪ گرمي پد ۽ ڏڪار جو شڪار ٿيڻ لڳي آهي: اسماعيل راهو

موسمياتي تبديلين جي ناڪاري اثرن کان بچڻ لاءِ يونيورسٽين ۾ شاگردن کي بنيادي ڄاڻ فراهم ڪرڻ جي سخت ضرورت آهي

موسمياتي تبديلي بابت مضمون پڙهائڻ سان انساني صحت جي معيار کي بهتر ڪرڻ ۾ مدد ملندي

ڪراچي (م د) سنڌ حڪومت موسمياتي تبديلي تي آگاهي بابت سيني سرڪاري ۽ نجي يونيورسٽين ۾ ڌار مضمون متعارف ڪرائڻ جو فيصلو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

ترڪيه زلزلو: پاڪستاني عورت اهلڪار 50 ورهين جي عورت کي بچائي ورتو

ملبي مان قاتل ماڻهن کي ڪڍڻ جو ڪم هن وقت به جاري

پاڪستان ٽيم 50 ورهين جي عورت کي ملبي مان ڪڍڻ ۾ ڪامياب ٿي وئي

انقره (م د) ترڪيه ۽ شام ۾ ايندڙ زلزلي کي تقريبن هڪ هفتو ٿي ويو آهي پر ملبي مان قاتل ماڻهن کي ڪڍڻ جو ڪم هن وقت به جاري آهي. امدادي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

سوڊان ۾ هڪ سڄي خاندان کي بيدردي سان قتل ڪيو ويو، علائقي ۾ خوف ڇانيل

سوڊان (م د) سوڊان ۾ هڪ سڄي خاندان کي بيدردي سان قتل ڪيو ويو آهي جنهن سبب سڄي علائقي ۾ خوف جو ماحول پيدا ٿي ويو آهي. قتل جو هي واقعو سوڊان جي شهر ڪاسالا ۾ پيش آيو جنهن ۾ هڪ ئي ڪٽنب جا سمورا ڀاتي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

ٽانڪ ۾ پوليس ٿاڻي تي دهشتگردن جو حملو ناڪام

ڏکڻ وزيرستان سان لاڳاپيل ضلعي ٽانڪ جي ٿاڻي گومل تي دهشتگردن حملو ڪيو

پوليس ۽ دهشتگردن ۾ 15 منٽن تائين فائرنگ جي ڏي وٺ ٿي

ٽانڪ (م د) خيبر پختونخواهه جي ضلعي ٽانڪ ۾ پوليس گومل ٿاڻي تي دهشتگردن جو حملو ناڪام بڻائي ڇڏيو ڏکڻ وزيرستان سان لاڳاپيل ضلعي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

ٽانڪ: ٿاڻي تي حملي کي ناڪام بڻائڻ بعد اهلڪار ٿاڻي جو جائزو وٺي رهيا آهن

قاضي احمد: نوجوان پير ترڪڻ سبب ٻڏي ويو، وارثن پاران لاش جي ڳولا جاري

وارثن پاران نوجوان جي لاش جي 5 ڏينهن کان ڳولا ڪئي پئي وڃي پر نوجوان جو لاش واهه مان هٿ نه آيو

شهر جو رهواسي حافظ نعمان صديقي جو ذهني توازن صحيح نه هو ۽ پنج ڏينهن اڳ گهر ڇڏي ويو هو

حافظ نعمان بحريا ٽائون نوابشاه وٽ روهڙي ڪئنال جي ڪناري تي ويٺو هو ته هن ٽپو ڏئي خودڪشي ڪري ڇڏي: اڳواڻ

قاضي احمد: (رپورٽر) قاضي احمد پرسان 22 ورهين جي نوجوان روهڙي واهه ۾ ٽپو ڏئي خودڪشي ڪري ڇڏي. وارثن پاران نوجوان جي لاش /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

قاضي احمد: ٻڏي ويل حافظ نعمان جو لاش ڳوليو رهيا آهن. ٻئي پاسي نوجوان جي حياتي جي تصوير

پي ڊي ايم طرفان ننڍي چونڊ ۾ حصو نه وٺڻ جي صلاح تي پ پ جو مشاورت جو فيصلو

پ پ طرفان ننڍي چونڊ لاءِ پنهنجي نامزد اميدوارن سان مشاورت ڪئي ويندي: ذريعا

نامزد اميدوارن سان مشاورت ڪانپوءِ ننڍي چونڊ ۾ حصو وٺڻ يا نه وٺڻ بابت فيصلو ڪيو ويندو

ڪراچي (م د) پاڪستان ڊيموڪريٽڪ موومينٽ (پي ڊي ايم) طرفان ننڍي چونڊ ۾ حصو نه وٺڻ جي تجويز تي پ پ مشاورت جو فيصلو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

ايران کي ٽرين ذريعي چانور موڪلڻ جو معاهدو جلد مڪمل ٿيڻ جا امڪان

خيبر ميل ۽ جعفر ايڪسپريس جي بهتر سار سنڀال به ڪئي ويندي: خواجه سعد رفيق

بلوچستان ۾ ٻوڏ متاثر هاڪڙي پل جي بحالي تي اڳيرائي جو جائزو وٺڻ لاءِ چيو ويو آهي

ڪوئيٽا ۽ زاهدان وچ ۾ مال بردار سفري وقت ۾ گهٽتائي لاءِ حڪمت عملي تيار ڪرڻ جو به مطالبو ڪيو ويو

ريلوي واري وفاقي وزير خواجه سعد رفيق

لاهور: (م د) ريلوي واري وفاقي وزير خواجه سعد رفيق چيو آهي ته ٽرين ذريعي هر مهيني 30 هزار ٽن چانور ايران موڪلڻ جو معاهدو مڪمل ٿيڻ جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

سپريم ڪورٽ: ارشد شريف جي قتل تي پاڻمرادو نوٽيس ڪيس ٻڌڻي لاءِ مقرر

چيف جسٽس جي سربراهي ۾ 5 رڪني بئنچ 13 فيبروري تي ڪيس جي ٻڌڻي ڪندي

جسٽس اعجاز الاحسن، جسٽس منيب اختر، جسٽس جمال خان مندوخيل ۽ جسٽس محمد علي مظهر به بئنچ ۾ شامل

اسلام آباد (م د) سپريم ڪورٽ سينيئر صحافي ارشد شريف قتل تي پاڻمرادو نوٽيس ڪيس ٻڌڻي لاءِ مقرر ڪري ڇڏيو چيف جسٽس آف /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

سکرنڊ پرسان پاڻي جي واري تي ويل پيرسن ڪهاڙين جا وار ڪري قتل

ڳوٺ فتح پور ۾ پاڻي جي واري تي ويل 55 ورهين جي پيرسن جمعو کي نامعلوم ماڻهن قتل ڪيو

واقعي جو اطلاع ماڙي جلباڻي پوليس کي ڏيڻ باوجود پوليس اتي نه پهتي

سکرنڊ (رپورٽر) سکرنڊ کان 15 ڪلوميٽر پري ماڙي جلباڻي پوليس جي حد ۾ ڳوٺ فتح پور ۾ پاڻي جي واري تي ويل 55 ورهين جي پيرسن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

مسڻ ويجهو ڪولهي برادري جا ٽي خاندان اباڻا ڪک ڇڏي انڊيا هليا ويا

ڪوارٽر اسٽاپ واسي ڪولهي برادري جا ٽي خاندان اباڻا ڪک ڇڏي انڊيا روانا ٿي ويا

عورتن ۽ ٻارڙن سميت 27 ڄڻن جي روانگي وقت وڏي انگ ۾ ڳوٺاڻا گڏ ٿي ويا

مسڻ (رپورٽر) مسڻ ويجهو ڪولهي برادري جا ٽي خاندان اباڻا ڪک ڇڏي انڊيا روانا ٿي ويا. مسڻ ويجهو ڪوارٽر اسٽاپ واسي ڪولهي برادري جا ٽي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

اسان جي تحريڪ آئين جي بالادستي لاءِ تيار آهي: فواد چوڌري

آئين سان ٽڪراءَ جي ملڪ کي مهانگي قيمت ادا ڪرڻي پوندي، اليڪشن ڪميشن جو اڄ ئي اجلاس ٿيڻ گهرجي ها

اليڪشن ڪميشن منشين تي مشتمل آهي، اها تحريڪ جيل ڀريو کان شروع ٿيندي

عدالتي حڪمن ڪانپوءِ به عام تاثر آهي ته اليڪشن ڪميشن اسلام آباد وانگر صوبائي چونڊون نه ڪرائيندي

لاهور (م د) پي ٽي آءِ جي اڳواڻ فواد چوڌري جو چوڻ آهي ته اليڪشن ڪميشن منشين تي مشتمل آهي. سماجي رابطن واري ويب سائيٽ ٽوئيٽر تي جاري ڪيل بيان ۾ فواد چوڌري لکير ته عدالتي حڪمن ڪانپوءِ به عام تاثر آهي ته اليڪشن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

آڊيو ليڪ معاملو، حڪومت ايف آءِ اي کي شوڪت ترين جي گرفتاري جي اجازت ڏئي ڇڏي

اسان ملڪ جي ترقي لاءِ رات ڏينهن ڪم ڪري رهيا آهيون: راڻا ثناءُ الله

عمران خان آءِ ايم ايف سان معاهدو ڪيو، جنهن تي عمل ڪندي اسان هتي پهتا سين

شوڪت ترين خلاف انڪوائري مڪمل ٿي وئي آهي ۽ حڪومت ڪيس گرفتار ڪرڻ جي اجازت ڏئي ڇڏي آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) وفاقي گهرو وزير راڻا ثناءُ الله چيو آهي ته حڪومت اڳوڻي ناڻي واري وزير شوڪت ترين جي گرفتاري جي اجازت ڏئي ڇڏي آهي. ڪراچي ۾ صحافين سان ڳالهائيندي راڻا ثناءُ الله چيو ته اسان ملڪ جي ترقي لاءِ رات ڏينهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

لاهور: وفاقي وزير راڻا ثنا الله خان اجلاس جي صدارت ڪندي

ڪنهن به وڏي زلزلي کانپوءِ ان جا آفٽر شاڪس اڃا به وڌيڪ خراب ٿي سگهن ٿا: ماهر

ڪراچي (رپورٽر) ماهرن چيو آهي ته ڪنهن به وڏي زلزلي کانپوءِ ان جا آفٽر شاڪس اڃا به وڌيڪ خراب ٿي سگهن ٿا. ان ڪري ان حوالي سان هوشيار رهڻ ضروري آهي ۽ ڪنهن به زلزلي کانپوءِ آفٽر شاڪس کان بچڻ لاءِ احتياطي اپاءَ تي ڌيان ڏيڻ ضروري ثابت ٿي سگهي ٿو ان سلسلي ۾ ڪنهن به گهر ۾ زلزلي سان لاڳاپيل بهترين ۽ بدترين هنڌن جي ڄاڻ حاصل ڪري سگهجي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

ميرپوربٺورو ۾ بدامني، واپاري ۽ شهري رستن تي نڪري آيا، احتجاج

ايس ٽي پي جي عبدالغني ملاح، شهري اڳواڻ ڊاڪٽر محبوب خواجه ۽ ڪرشن ڪمار جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو ويو

بدامني سبب روزانو ڏهاڙي وارداتون معمول بڻجي ويون آهن ۽ واپاري توڙي شهري غير محفوظ بڻجي ويا آهن: اڳواڻ

ميرپوربٺورو (رپورٽر) ميرپوربٺورو جا شهري، واپاري ۽ سياسي سماجي تنظيمن جي اڳواڻن شهري اتحاد جي فقير محمد علي خواجا، ايس ٽي پي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

هٿياربندن مشهور ريپر گولين هڻي قتل ڪري ڇڏيو

ڊربن (م د) ڏکڻ آفريڪا جي 35 ورهين جي مشهور ريپر ڪيرنين فوربز عرف آڪا کي ڊربن ۾ گولين هڻي قتل ڪيو ويو آهي. رپورٽس موجب آڪا کي سندس دوست سان گڏ ڊربن ۾ هڪ نائيٽ ڪلب جي ٻاهران نشانو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

ڪراچي: پي ٽي آءِ اڳواڻ حليم عادل شيخ ميڊيا سان ڳالهائيندي

پرڏيهي فنڊنگ ڪيس: پ پ، ن ليگ، جي يو آءِ جي فنڊن جي جاچ رپورٽ عدالت ۾ جمع

رپورٽ ۾ اليڪشن ڪميشن جاچ ۾ دير تي پي ٽي آءِ جا اعتراض رد ڪري ڇڏيا

جاچ ۾ دير جو سبب ڪيترائي ڀيرا وڪيلن جي تبديلي، ملتوي جون درخواستون، اسڪروٽني ميمبرن جو نه اچڻ آهي

اسلام آباد (بيورو) پرڏيهي فنڊنگ ڪيس ۾ اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان (اي سي پي) سياسي پارٽين پاڪستان پيپلز پارٽي، پاڪستان مسلم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 32

موسميات کاتي ملڪ ۾ موسم جي حوالي سان اهم اڳڪٿي ڇڏي

وفاقي راڄڌاني اسلام آباد سميت ملڪ جي مختلف شهرن ۾ موسم ٿڌي ۽ خشڪ رهندي

خيبرپختونخوا جي اڪثر علائقن ۾ موسم سرد ۽ خشڪ رهندي

ڪراچي (رپورٽر) موسميات کاتي ملڪ ۾ مختلف /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 33

صدارتي ايوارڊ ماڻيندڙ مشهور لوڪ ڳائڻو بشير بلوچ لاڏاڻو ڪري ويو

ڪوئيٽا: (م د) مشهور بلوچ لوڪ فنڪار محمد بشير بلوچ لاڏاڻو ڪري ويو بلوچي سميت مختلف ٻولين ۾ لوڪ گيت ڳائڻ وارو محمد بشير بلوچ گردي جي بيماري ۾ مبتلا هو صدارتي ايوارڊ کٽيندڙ مشهور لوڪ ڳائڻي جي پٽ محمد رضا پنهنجي والد جي وفات جي تصديق ڪري ڇڏي آهي. محمد رضا جو چوڻ آهي ته والد کي اڄ منجهند ڌاري ڪالي ديبا پرسان آخوند بابا قبرستان ۾ دفنايو ويندو.

ڪراچي ۾ عورت هڪ ئي وقت 4 ٻارن کي جنم ڏنو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي راڄڌاني ڪراچي جي نجي اسپتال ۾ عورت هڪ ئي وقت چئن ٻارن کي جنم ڏئي ڇڏيو. ميڊيا رپورٽس موجب سينٽر ضلعي جي هڪ نجي اسپتال ۾ عورت هڪ ئي وقت چئن ٻارن کي جنم ڏنو آهي. وقت کان اڳ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

ڪراچي: ايڊمنسٽريٽر ڪراچي ڊاڪٽر سيف الرحمان تقريب کي خطاب ڪندي

قدرت جو معجزو، زلزلي کانپوءِ ملبي ۾ 5 ڏينهن تائين ڦاٿل ٻار کي جيئرو ڪڍيو ويو

مائيڪ ڊورائن نالي واهپيدار ٽوئيٽر تي وڊيو پوسٽ ڪئي

ملبي ۾ ڦاٿل ٻن مهينن جي ٻار کي 5 ڏينهن کانپوءِ ريسڪيو ڪيو ويو

انقره (م د) ترڪيه ۾ خوفناڪ زلزلي کانپوءِ ملبي ۾ ڦاٿل ٻن مهينن جي ٻار کي 5 ڏينهن کانپوءِ ريسڪيو ڪيو ويو ترڪ ميڊيا موجب ريسڪيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

دادو ۾ جيئي ڀٽو جو نعرو هڻڻ تان سال 2008 ۾ شهيد ٿيل شاگرد جي 15 هين ورسي تقريب

شاهجهان قريشي يادگار ڪاميٽي طرفان گڏيل طور شهيدن جي 15 هين ورسي ملهائي وئي

ورسي ۾ پ پ پ اڳواڻن، سول سوسائٽي جي نمائندن، شاعرن، اديبن پاران شرڪت ڪئي وئي

محمد اسلم قريشي ،شاهه رخ قريشي ،پ پ اڳواڻ غلام شبير ابڙو، پروفيسر محمد عرفان ڪلهوڙو شريڪ

دادو(رپورٽ:عزيزالله خاصخيلي) دادو ۾ جيئي ڀٽو جو نعرو هڻڻ تان سال 2008 ۾ شهيد ٿيل شاگرد شهيد شاهجهان قريشي ۽ شهيد راڻي محترمه بينظير ڀٽو جي ورسي شهيد شاهجهان قريشي يادگار ڪاميٽي طرفان گڏيل طور شهيدن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

دادو: شهيدن جي 15 هين ورسي تقريب شهيد شاهجهان قريشي جي گهر ۾ ملهائي وئي

مهانگائي جي خاتمي لاءِ وفاقي حڪومت قدم کڻي رهي آهي: سيد نويد قمر

ٽنڊو محمد خان (رپورٽ:مظفر علي بروهي) ٽنڊو محمد خان ۾ نرسنگ ڪاليج جي افتتاحي تقريب کي وفاقي وزير سيد نويد قمر خطاب ڪندي چيو ته مهانگائي جي خاتمي لاءِ وفاقي حڪومت قدم کڻي رهي آهي . تمام جلد مهانگائي تي ضابطو آندو ويندو . هن چيو ته ملڪ ۾ وڌندڙ مهانگائي عمران حڪومت جو ڏنل تحفو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

عمرڪوٽ ڳوٺ امرهار ۾ ايڪٽيڊ اداري جي طرفان ڏنل آر او پلانٽ مسلسل غيرفعال

ڪافي مهينن کان ڳوٺاڻن جي پنهنجي مدد پاڻ تحت هلندڙ پلانٽ ٻن مهينن کان خراب پيل

اسانجي ڳوٺ ۾ ڏنل آر او پلانٽ جي مرمت ڪري پاڻي جي سهولت ميسر ڪئي وڃي: علائقي واسي

عمرڪوٽ (رپورٽ:الطاف حسين ٿهيم) عمرڪوٽ ڳوٺ امرهار ۾ ايڪٽيڊ اداري جي طرفان ڏنل آر او پلانٽ خرابي جي ڪري ڳوٺاڻا ڪافي مهينن کان ڳوٺاڻن جي پنهنجي مدد پاڻ تحت هلندڙ پلانٽ ٻن مهينن کان خراب پيل ڏينهن ڏي ڪوهن ۾ پاڻي جي قلت هئڻ جي ڪري ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

ٽنڊو محمد خان ۾ سرعام منشيات جي وڪري خلاف انسان بچايو تحريڪ سنڌ پاران احتجاج

چيئرمين شبير جمالي مرڪزي پريس ترجمان يعقوب جمالي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي وئي

مظاهرين پاران ايس ايس پي ٽنڊو محمد خان ۽ سي آءِ انچارج کي فوري طور تي هٽائڻ جو مطالبو

ٽنڊو محمد خان اندر ڪينسر جا ڪيترائي ڪيس روزاني جي بنياد تي ظاهر ٿي رهيا آهن: ڳالهيون

ٽنڊو محمد خان (رپورٽ:مظفر علي بروهي) ٽنڊومحمدخان ۾ سرعام منشيات جي وڪري خلاف (انسان بچايو تحريڪ سنڌ) جي سڏ تي احتجاجي ريلي ڪڍي وئي مظاهرين پاران ايس ايس پي ٽنڊو محمد خان ۽ سي آءِ انچارج کي فوري طور تي هٽائڻ جو مطالبو ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

غوثپور پوليس پاران ڪوڙو مقابلو ڄاڻائي مارجي ويل 2 نوجوانن جو ڪيس داخل ٿي ويو

غوثپور (عبدالنبي ملڪ) 2 هفتا اڳ غوثپور پوليس پاران ڪوڙو مقابلو ڄاڻائي مارجي ويل 2 نوجوانن اسد شيخ ۽ مير شيخ جي وارثن کي پوليس بنا ايف آءِ آر داخل ڪرڻ جي موٽائي ڇڏيو مقتول اسد الله ۽ مير شيخ جي وارثن پاران سيشن ڪورٽ ڪنڌڪوٽ ۾ پوليس خلاف انصاف لاءِ درخواست داخل ڪرائي ويئي هئي. جنهن ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

ٽنڊو محمد خان: سرعام منشيات جي وڪري خلاف مظاهرو ڪيو پيو وڃي

سڄل ڳوٺ ٽاٽي جي حد مان بدين واسي مزدور غلام الله رند جو پتو نه پيو، احتجاجي مظاهرو

مزدور غلام الله رند جي وارثن پاران اغوا جو ڪيس داخل ڪرائڻ باوجود پوليس ڪو به ٻوٿو نه ڀاريو

منهنجو ڀاءُ بدين ضلعي کان ڪراچي جي عبدالله شاهه غازي ڳوٺ ۾ روزگار سانگي آيو: نصرالله رند

پوليس سڄل ڳوٺ ٽاٽي تي ڦهتس پر پوليس مدد ڪرڻ ۾ ڪک ڀڃي ٻيٽو نه ڪيو، انصاف ڪيو وڃي

ڪراچي (رپورٽر) سڄل ڳوٺ ٽاٽي جي حد مان بدين واسي مزدور غلام الله رند هڪ مهيني اڳ پراسرار طور ڪراچي جي عبدالله شاهه غازي ڳوٺ مان گم سڄل ڳوٺ ٽاٽي تي اغوا جو ڪيس داخل ڪرائڻ باوجود پوليس ڪو به ٻوٿو نه ڀاريو، گهر ڀاتي سخت پريشان آهن. ڀاءُ جي ڳولا ۾ مدد ڪئي وڃي، نصرالله رند، تفصيل موجب بدين واسي ٻورنگ جو ڪم ڪندڙ غلام الله ولد محمد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

نوشهرو فيروز ۾ سنڌي ادبي سنگت سنڌ پاران دادا گوبند مالهي ادبي ڪانفرنس

دادا گوبند مالهي ٻوٽو پوکيو اهو علم جي خزاني طور وڏي هڪ وڻ تي چڪو آهي:ادل سومرو

شرڪت مون لاءِ وڏو اعزاز آهي، سنڌي ادبي سنگت ڪوڙ سارين تحريڪن کي جنم ڏنو آهي

هينئر به سنڌي ٻولي کي قومي ٻولي جو درجو ڏيارڻ جي لاءِ جدوجهد جي عمل ۾ آهي: ڳالهيون

نوشهرو فيروز(رپورٽ:منظور ملڪ) سنڌي ادبي سنگت سنڌ پاران شاخ بچل مهر ۽ ضلع رابطا سيڪريٽري ايم ظفر ڏگهر پاران ڏائمنڊ گولڊن جوبلي ايوارڊ تقريب ۽ دادا گوبند مالهي ادبي ڪانفرنس غلام مجتبيٰ خان جتوئي لائبريري ۾ سنگت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

نوشهروفيروز: سنڌي ادبي سنگت سنڌ طرفان شاخ جا اڳواڻ تقريب کي خطاب ڪري رهيا آهن

ٽنڊو محمد خان جي سينئر صحافي مظفر علي بروهي جي والده جي تعزيت هلندڙ

ٽنڊو محمد خان (ڊ ر) ٽنڊو محمد خان جي سينئر صحافي مظفرعلي بروهي جي والده ماجده جي وفات تي تعزيت جو سلسلو جاري سينئر صحافي سان ڳوٺ بشير احمد بروهي ۾ صحافين سميت سياسي سماجي اڳواڻن علائقي معززين ۽ رشتيدارن وڏي تعداد ۾ سندس تڏي تي پهچي تعزيت ڪئي خبر موجب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

محفوظ ۽ آسان سفر موٽروي پوليس جي اولين ترجيح آهي: جاويد علي مهر

روڊ تي مسافرن کي بروقت مدد ۽ سمورين سهولتون فراهم ڪيون پيون وڃن

بريفنگ ڏيڻ کان علاوه ڊرائيورن ۽ مسافرن کي هر ممڪن مدد فراهم ڪري رهيا آهن

ڊرائيور قانون موجب گاڏيون هلائين ته جيئن مڪمل طور تي حادثن تي ضابطو آڻي سگهجي

نوشهرو فيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) محفوظ ۽ آسان سفر موٽروي پوليس جي اولين ترجيح آهي، آءِ جي موٽر وي پوليس خالد محمود روڊ تي مسافرن کي بروقت مدد ۽ سمورين سهولتون فراهم ڪيون پيون وڃن. موٽر وي پوليس جا روڊ آفيسر موڪلن دوران مقرر ڪيا پيا وڃن تنفسيل موجب موٽروي پوليس جي آءِ جي خالد محمود پاران جاري ڪيل نو مور مهر جي سلسلي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

نوشهروفيروز پوليس پاران ڏوهارين خلاف ڪارروايون جاري،زال کي قتل ڪندڙ جوابدار گرفتار

پوليس ڇاپا هڻي ڳوٺ پناڻ خان مري ۾ زال کي قتل ڪندڙ جوابدار گرفتار ڪري ورتو

گرفتار جوابدار نديم شاهه جي قبضي مان 1100 گرام چرس هٿ ڪري ڪيس داخل ڪيو ويو

پوليس ڳجهي اطلاع تي جواجي اڏي تي ڪارروائي ڪندي 09 جوارين کي گرفتار ڪري ورتو

نوشهرو فيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) نوشهروفيروز پوليس پاران ڏوهارين خلاف ڪارروايون جاري آهن نوشهروفيروز سٽي ٿاڻي جي پوليس بروقت ڪارروائي ڪندي ڳوٺ پناڻ خان مري ۾ زال کي قتل ڪندڙ جوابدار گرفتار ڪري ورتو گرفتار جوابدار اصغر علي مري جي قبضي مان قتل ۾ استعمال ٿيل چاقو هٿ، مقتول جي پاءُ ظفر علي خلاف ڪيس داخل ڪيو ويو آهي. /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 35

نوشهروفيروز: پوليس جي ڪارروائي ۾ گرفتار جوابدار تحويل ۾ نظراچي رهيا آهن

جان محمد سوسائٽي ويجهو ڳوٺ اسماعيل مهر کان لاڪو لنجاري ٽائين روڊ مڪمل نه ٿيو

جان محمد سوسائٽي (رپورٽ:غلام رسول مهر) جان محمد سوسائٽي ويجهو ڳوٺ اسماعيل مهر کان لاڪولنجاري ٽائين روڊ مڪمل نه ٿيڻ خلاف يوسي صالح مهر ۾ امتياز مهر ،ايڊوڪيٽ مختيار احمد مهر، ذاڪر حسين مهر ۽ ٻين جي اڳوائي ۾ صالح مهرچوڪ تي ٽائرن کي باهيون ڏئي ڪري احتجاج مظاهرو ڪيو ويو ۽ ضلعي انتظاميا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 39

بدين ضلع ڪائونسل ۾ هاري ۽ مزدور جون مخصوص سيٽون زميندارن ۽ سرمائيدارن کي ملڻ جو انڪشاف

مخصوص سيٽون اميدوارن ۽ پارٽي ورڪرن بجاءِ وڏن زميندارن سرمائيدارن کي ملڻ جو انڪشاف ٿيو آهي

هاري جي سيٽ لاءِ اهليت ٻارهن ايڪڙ کان گهٽ واري اميدوارن جي آهي اصل ورڪرز جو حق ماريو پيو وڃي

هاري مزدور جي مخصوص سيٽ وڏن زميندارن ۽ سرمائيدارن کي ملڻ سان نه اصل ورڪرز جو حق ماريو پيو وڃي

بدين(رپورٽ: مرتضي ميمڻ) ضلع ڪائونسل ۽ ٽائون ڪميٽي ڪميٽيز ۾ هاري ۽ مزدور جون مخصوص سيٽون زميندارن ۽ سرمائيدارن کي ملڻ جون انڪشاف تفصيل موجب بدين بدين ضلعي ۾ 15 هين جنوري تي مڪاني چونڊن جي ٻئي مرحلي تحت چونڊن بعد ضلع جي هڪ ضلع ڪائونسل ٻن ميونسپل ڪميٽي ڏهن ٽائون ڪميٽيز ۽ 67 يونين ڪائونسل ۾ هاري مزدور /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 40

عادلپور ويجهو ڳوٺ اچي مسجد ۾ ڪولهي برادري جا 8 گهر سڙي ويا

ڳوٺ ۾ ڪولهي برادري جي پورهيتن جي 8 گهرن کي اچانڪ باهه لڳي وئي

متاثرن جو گهر ۾ پيل هنڊ بسترا، اٽو روڪ رقم سميت سمورو الهه تلهه سڙي ويو

عادلپور (رپورٽ اسلم مهر) عادلپور ويجهو ڳوٺ اچي مسجد ۾ ڪولهي برادري جي پورهيتن جي 8 گهرن کي اچانڪ باهه لڳي وئي باهه متاثر حيدرآباد کان عادلپور ۾ مزدوري تي ڪمند جي واڍي ڪرڻ لاءِ آيا هئا مور چند، والو جي، جمعو ۽ جهامرو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

ٽنڊوباگو جي وارڊ نمبر 2 مير محلي ۾ ذهني مريض نوجوان گهرن کي باهه ڏئي ڇڏي

باهه سبب ٻن بيواه عورتن سومري زال الهڏنو ملاح، مسمات بچائي جا گهر سڙي ويا

ٽائون ڪميٽي ٽنڊوباگو انتظاميه کي بروقت اطلاع ڏنو ويو، لکين روپين جو نقصان

ٽنڊوباگو(رپورٽ:سهيل سمون) ٽنڊوباگو شهر جي وارڊ نمبر 2 مير محلي ۾ ذهني مريض نوجوان گهرن کي باهه ڏئي ڇڏي، ٻه گهر سڙي رک ٿي ويا، متاثر ڪليل آسمان هيٺ ويٺل. خبر موجب: ٽنڊوباگو شهر جي وارڊ نمبر 2 مير محلي ۾ مبينه طور /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

ٽنڊوباگو: باهه لڳڻ سبب سڙي ويل سامان نظراچي رهيو آهي

ويجهو ڳوٺ حاجي ڪرمي جو ڪوهيو ڀرسان ناري سان پرسن پاران زيادتي جو اعتراف

23 سالن جي مستاني ناري حبيبا خاصخيلي سان سنڌس پاڙيسري زيادتي ڪئي

65 ورهين جو رازو خاصخيلي کي گهارو پوليس گرفتار ڪري ورتو، جوابدار پاران اعتراف

گهارو (ن سنڌيار) ويجهو ڳوٺ حاجي ڪرمي جو ڪوهيو ڀرسان 23 سالن جي مستاني ناري حبيبا خاصخيلي سان سنڌس پاڙيسري زيادتي ڪئي ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

ڊاڪٽر جو ڪم صرف مريضن جي دوا لکي ڏيڻ ناهي: ڊاڪٽر جميل

مريضن سان خوش اخلاق پيش اچڻ سان اڌ بيماري لهي ٿي وڃي: ڊاڪٽر ارشد

مريض سان ڪلي ڳالهائڻ عبادت ۽ سندس اڌ بيماري ختم ٿي ويندي آهي

ڪراچي (رپورٽر) ڊاڪٽر جو ڪم صرف مريضن جي دوا لکي ڏيڻ ناهي ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

"ٽيسٽ ڪيئن ڏجي" عنوان سان اسٽوڊنٽس ويلفيئر آرگنائيزيشن پاران امتحان ورتو ويو

نوشهروفيروز جي هال ۾ شاگردن ۽ شاگردياڻين ۽ ايسپرنٽس پيدا ڪرڻ لاءِ ٽيسٽ ورتي وئي

ٻارن کي اها ايسپرنٽس ڏيڻ جاهيئن ته ان جو مستقبل جي حوالي سان فيصلا ڏئي سگهن: اڳواڻ

نوشهروفيروز(رپورٽ:سهيل سمون) ... "ٽيسٽ ڪيئن ڏجي" عنوان سان اسٽوڊنٽس ويلفيئر ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

نوشهروفيروز: اسٽوڊنٽس ويلفيئر آرگنائيزيشن طرفان ٽيسٽ ورتي پئي وڃي

ٽنڊوباگو تاريخي اسڪول جي باني مير غلام محمد ٽالپر جي جي 91 هين ورسي

ڊي اي او بدين الهڏنو ملاح، پرنسپال ڪريم بخش پنهور، مير محمد بخش ٽالپر شريڪ

مير غلام محمد ٽالپر لاڙ جي پوئتي علائقي ۾ لکين روپيا خرچ ڪري اسڪول قائم ڪيو

ٽنڊوباگو(رپورٽ:سهيل سمون) ٽنڊوباگو تاريخي اسڪول جي باني مير غلام محمد ٽالپر جي جي 91 هين ورسي ملهائي وئي، ورسي جي تقريب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

بنيادي سهولتن کان محروم ڪري مهانگائي جي ڏهڻ ۾ ڦاسايو ويو آهي: نور قلندر بخش

غريب ماڻهوائي جي ڪلو لاءِ پريشان حال آهن، حڪمراني دوران عوام کي ڪجهه ناهي مليو

حڪمرانن جي غلط پاليسين سبب غريب عوام جو جيئڻ جنجال بڻجي ويو آهي: ڳالهيون

گلاب لغاري(رپورٽ:گلزار لغاري) پندرنهن 15 سالن جي حڪمراني دوران سنڌ جي عوام کي ڪجهه ڏيڻ بجاءِ انهن کي بنيادي سهولتن کان محروم ڪري منهگائي جي ڏهڻ ۾ ڦاسايو ويو آهي جنهن ڪري غريب ماڻهوائي جي ڪلو لاءِ پريشان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

گلاب لغاري: نور قلندر بخش ۽ ٻيا اڳواڻ تقريب ۾ ويٺل آهن

سيراڻي ۾ ارڙي جي بيماري وڪهي ٻارڙي فوت، ڪيترائي ٻار بيماري ۾ وڪوڙيل

ڏاڪني پٽي جي شهر سيراڻي ۽ ڀرپاسي جي ڳوٺن ۾ ارڙي جي بيماري منهن ڪڍيو آهي

سيراڻي شهر جي ٿهيمور پاڙي ۾ ٻيا به ڪيترائي ٻار ارڙي بيماري ۾ ورتل آهن:شهري

بدين (رپورٽ:مرتضي ميمڻ) سيراڻي ۾ ارڙي جي بيماري وڪهي ٻارڙي فوت ڪيترائي ٻار بيماري ۾ وڪوڙيل تفصيلي خبر موجب بدين جي ڏاڪني پٽي جي شهر سيراڻي ۽ ڀرپاسي جي ڳوٺن ۾ ارڙي جي بيماري منهن ڪڍيو آهي جنهن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

رٽائرڊ فوجي جي لڳايل الزامن ۾ صداقت نه آهي :فرزند علي عظيمي

رٽائرڊ فوجي عباس شورو جي پٽ اصغر کي اهلڪارن منشيات سميت پڪڙيو هو

عباس شورو جي پٽ تي ڪو به تشدد نه ڪيو آهي مون خلاف الزامن ۾ ڪا صداقت نه آهي

بدين(رپورٽ مرتضي ميمڻ) رٽائرڊ فوجي جي لڳايل الزامن ۾ صداقت نه آهي فرزند علي عظيمي لاڙ صوفي سنگت جي صدر ۽ ڊي ايس پي بدين جي ريڊر فرزند علي عظيمي (ڳڊو ملاح) چيو آهي ڪجهه ڏينهن ڀهرين صديق ڪنڀار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 36

ڳوٺ عبدالرحمان ڏل ۾ شفا فائونڊيشن پاران يوني سيف پاران ڪئمپ لڳائي وئي

غذائي ڪوت جي شڪار ٻارڙن کي مفت دوائون ڏنيون ويون، فوڊ پيڪيٽ پڻ ڏنا ويا

شفا فائونڊيشن جو مقصد ڳوٺن ۾ روزانو ميڊيڪل ڪيمپون لڳائڻ آهي:اڳواڻ

نوشهروفيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) ڳوٺ عبدالرحمان ڏل ۾ شفا فائونڊيشن پاران يوني سيف ۽ يوايس ايڊ جي سهڪار سان مفت طبي ڪيمپ لڳائي وئي جنهن ۾ غذائي ڪوت جي شڪار ٻارڙن کي مفت دوائون ڏنيون ويون جن ۾ 6 مهينن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 38

نوشهروفيروز: شفا فائونڊيشن طرفان لڳايل ميڊيڪل ڪيمپ جو ڏيک

وارهه سنڌ ۾ وڌندڙ مهانگائي، بدامني، ڪرپشن، لاقانونيت خلاف عوامي هائوس کان احتجاج

ضلعي اڳواڻ علي اڪبر خاصخيلي تي ڪوڙو ڪيس داخل ٿيڻ خلاف قومي عوامي تحريڪ مظاهرو ڪيو

ريلي جي اڳواڻي مرڪزي ڊپٽي جنرل عنايت الله لاشاري ، شعيب چنو، عبدالحڪيم ڀٽو ۽ ٻين ڪئي

عوام کي ڏوهارين، ڀوتارن، لٽ سردارن جي رحم و ڪرم تي ڇڏيو ويو آهي: اڳواڻن جو مظاهرين کي خطاب

وارهه (رپورٽ:طالب حسين چانڊيو) وارهه سنڌ ۾ وڌندڙ مهانگائي، بدامني، ڪرپشن، لاقانونيت ۽ ضلعي اڳواڻ علي اڪبرخاصخيلي تي ڪوڙو ڪيس داخل ٿيڻ خلاف قومي عوامي تحريڪ طرفان عوامي هائوس کان احتجاجي ريلي ڪڍي وئي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

وارهه: سنڌ ۾ وڌندڙ مهانگائي، بدامني، ڪرپشن، لاقانونيت خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

ماجد حيدري سميت سمورن قومي ڪارڪن جي بلاجواز گمشدگي خلاف احتجاج

ٽنڊو محمد خان (رپورٽ:مظفر علي بروهي) ماجد حيدري سميت سمورن قومي ڪارڪن جي بلاجواز گمشدگي ۽ سنڌ ۾ رڪارڊ مهانگائي خلاف جيئي سنڌ محاذ جي مرڪزي سڏ تي جسقم جي ضلعي صدر زاهد جسڪاڻي: ايوب ڪوريجو: اصغر ٿوناري: سليم هاليپوٽو ۽ قومپرست عوامي اتحاد جي جاويد هاليپوٽو صوفي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

ٻنون روڊ لاڏقپور اوچتو اسٽاپ ڀرسان هٿياربند ڦورن جي ڳوٺاڻن کان ڦر، هڪ ڦورو سوگهو

مزاحمت دوران هڪ ڦورو هٿيار سميت سوگهو، 2 ڦورو فرار، دڙو ٿاڻي تي ڪيس داخل ڪيو ويو

ڳوٺاڻن لاڏقپور هائي اسڪول وٽ مقابلي بعد هڪ ڦورو کي هٿيار سميت سوگهو ڪري ورتو

دڙو (رپورٽ: شوڪت ميمڻ) دڙو، ٻنون روڊ لاڏقپور اوچتو اسٽاپ ڀرسان هٿياربند ڦورن جي ڳوٺاڻن کان ڦر، هڪ ڦورو هٿيار سميت سوگهو، 2 ڦورو فرار، دڙو ٿاڻي تي ڪيس داخل ڪيو ويو ... سوار ٿي ڳوٺ ويندڙ ٽن ڳوٺاڻن سڪندر علي سومرو ۽ ٻين تي ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

ناڪام پاليسين سبب لکين ماڻهو بيروزگاري ۽ بدحالي جو شڪار آهن: صنعان قريشي

جيئي سنڌ قومي محاذ پاران ڄاڻايل آدم شماري، مهانگائي، ڌارين آبادڪاري خلاف احتجاج

ڌارين آبادڪاري خلاف احتجاجي مارچ ڪيو ويو، جيڪو شهر جو گشت ڪري الله واري چوڪ تي پهتو

ڪارڪنن جي احتجاجي مارچ جي اڳواڻي صنعان قريشي، امجد مهيسر، اطهر سومرو ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا

نوشهروفيروز(رپورٽ:اسد علي عمراڻي) جيئي سنڌ قومي محاذ پاران ڄاڻايل آدم شماري، مهانگائي، ڌارين آبادڪاري خلاف احتجاجي مارچ ڪيو ويو احتجاجي مارچ پبلڪ پارڪ کان شروع ٿي ... الله واري چوڪ تي پهتو جتي جلسي ۾ تبديل ٿي ويو احتجاجي مارچ جي اڳواڻي صنعان قريشي، امجد مهيسر، اطهر سومرو ۽ ٻيا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

وارهه تحريڪ لبيڪ طرفان پي ايس 17 جي بادي بحال ٿيڻ جي خوشي ۾ ريلي

وارهه (رپورٽ:طالب حسين چانڊيو) وارهه تحريڪ لبيڪ پاڪستان طرفان پي ايس 17 جي بادي بحال ٿيڻ جي خوشي ۾ پي ايس 17 جي امير حافظ محبوب جوڻيجو، ناظم اعلي غلام صديق گاڏهي، ڊويزنل اڳواڻ مولانا همٿ علي چانڊيو، نائب ناظم اعلي حافظ حاضر خان چانڊيو ۽ ٻين طرفان تعلقه پريس ڪلب وارهه پهچي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

نوشهروفيروز: جيئي سنڌ قومي محاذ جا ڪارڪن وڌندڙ مهانگائي خلاف مظاهرو ڪندي

ضلع ڪائونسل بدين جي چيئرمين جي ٽڪيٽ نون آيلن کي نه ڏيڻ جو فيصلو

پ پ مخالف چونڊ لڙهندڙن ۽ جن کي حڪومت ۾ عهدا مليل آهن انهن نه ڏني ويندي

سائين بخش جمالي بدين جو چيئرمين نامزد ڪرائڻ لاءِ ڪراچي ۾ ڪيمپ لڳائي ڇڏي

ڪارڪنن جو وڏو انگ انهن جي ڪري پارٽي کان ڏار ۽ مايوس ٿيندو پيو وڃي:ذريعن جي دعويٰ

بدين(رپورٽ مرتضي ميمڻ) ضلع ڪائونسل بدين جي چيئرمين جي ٽڪيٽ ماضي ۾ ب ب پ سامهون چونڊ وڙهندڙن ۽ پارٽي ۾ نون آيلن کي نه ڏيڻ جو فيصلو پيپلز پارٽي جي هڪ اهم ذريعي کان مليل ڄاڻ موجب نه پيپلز پارٽي جي ٻن مک اڳواڻن جن ۾ هڪ وڏي وزير جي خاص معاون شامل آهي پيپلز پارٽي جي ڪو چيئرپرسن آصف علي زرداري ۽ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

ايم پي اي محمد علي ملڪاڻي سورج سجاولي پريس ڪلب پهچي ويو، مبارڪون

محمد علي ملڪاڻي نئين باڊي جي عهديدارن کي لنگيون پهرائي ڪين مبارڪون ڏنيون

امتيازميمڻ، ڪاشف جوڻيجو، ساگرسليم ڪوسو، نجيب سرويچ، جاني جوکيو شريڪ هئا

صحافت هڪ مقدس ۽ پيغمبري پيشو آهي، صحافي بنا لالچ ڪم ڪري رهيا آهن:اڳواڻ

سجاول (ڊ ر) پ پ پ ضلع سجاول جو صدر ايم پي اي محمد علي خان ملڪاڻي سورج سجاولي پريس ڪلب پهچي پريس ڪلب جي چونڊيل نئين باڊي جي عهديدارن کي لنگيون پهرائي ڪين مبارڪون ڏنيون، سورج سجاولي پريس ڪلب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

سجاول: ايم پي اي محمد علي ملڪاڻي ۽ ٻيا اڳواڻ گڏ بيٺل آهن

ٽنڊو محمد خان ۾ قومي عوام تحريڪ پاران مهانگائي خلاف احتجاجي مظاهرو

ٽنڊو محمد خان (رپورٽ:مظفر علي بروهي) ٽنڊو محمد خان ۾ قومي عوام تحريڪ پاران سنڌ سميت ملڪ ۾ وڌندڙ مهانگائي جي طوفان خلاف مرڪزي اڳواڻ خادم سمون ، زينت سمون ، حنيف باگراڻي ، ونود ميگهواڙ ، شڪيل ڪنڀار رمضان رند ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ريلوي اسٽيشن کان احتجاجي ريلي ڪڍي پريس ڪلب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

ملڪ ۾ بيروزگاري مهانگائي ڪرپشن ۽ لاقانونيت خلاف بدين ۾ احتجاجي مظاهرو

مرڪزي اڳواڻ سانول گوپانگ سنڌياڻي تحريڪ ضلعي جي صدر شازيه احمداڻي پاران ريلي

زين العابدين شاهه ٻين جي اڳواڻي ۾ بدين پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

ملڪي ناٽو لٽيندڙ کان سخت پڇاڻو ڪري ملڪ کي ظالم حڪمرانن مان نجات ڏياري:اڳواڻ

بدين(رپورٽ:مرتضي ميمڻ) ملڪ ۾ ۾ بيروزگاري مهانگائي ڪرپشن ۽ لاقانونيت خلاف بدين ۾ قومي عوامي تحريڪ ۽ سنڌياڻي تحريڪ طرفان جي مرڪزي اڳواڻ سانول گوپانگ سنڌياڻي تحريڪ ضلعي جي صدر شازيه احمداڻي زرينه پرويز ريشما سانول بچل احمداڻي رام سنگ حسين درس انور ملاح رشيد گوپانگ زين العابدين شاهه ٻين جي اڳواڻي ۾ بدين پريس ڪلب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

دادو ۾ سولنگي ويلفيئر آرگنائيزيشن پاران پ پ اميدوار جي ڪاميابي جي خوشي ۾ تقريب

اميدوار وڏي اڪثريت سان ڪامياب ٿيڻ جي خوشي ۾ ضلع ڪائونسل ۾ تقريب ڪوٺائي وئي

برادري جو ٿورائتو آهيان جنهن تقريب ڪوٺائي پ پ اميدوارن کي تقريب ۾ گڏ ڪيو: رفيق جمالي

آگسٽ 2022 ۾ پورو ضلعو ٻوڏ متاثر رهيو لکين ماڻهن جا اجها ڪري پٽ پئجي ويا: عرفان سولنگي

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) دادو ۾ سولنگي ويلفيئر آرگنائيزيشن ضلع دادو پاران پاڪستان پيپلز پارٽي جا اميدوار ضلعي ۾ وڏي اڪثريت سان ڪامياب ٿيڻ جي خوشي ۾ ضلع ڪائونسل ۾ تقريب ڪوٺائي وئي، تقريب ۾ پ پ پ ضلعي صدر ايم اين اي رفيق احمد جمالي، ٻابن خان پنهور، عرفان علي سولنگي، شهزاد پنڊ، سميت دادو ضلعي جي مختلف يونين ڪائونسلن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 37

دادو: سولنگي ويلفيئر طرفان پ پ جي چونڊيل ميمبرن جي مان ۾ تقريب

دادو ويجهو خدا آباد جي ڳوٺ پريل برماڻي ۾ ڪم ڪندڙ نوجوان ڪرنٽ لڳڻ سبب زخمي

ڇت تي ڪم ڪندڙ نوجوان کي 11 هزار وولٽيج تار مان ڪرنٽ لڳڻ سبب سڙي زخمي ٿيو

زخمي نوجوان جو جسم 25 سيڪڙو سڙي زخمي ٿيو آهي، حيدرآباد ريفر ڪيو آهي: ڊاڪٽر

دادو(ن سنڌيار) دادو ويجهو خدا آباد جي ڳوٺ پريل برماڻي ۾ گهر جي ڇت تي ڪم ڪندڙ نوجوان کي 11 هزار وولٽيج تار مان ڪرنٽ لڳڻ سبب نوجوان سڙي زخمي ٿي پيو زخمي کي ايمرجنسي وارڊ سول اسپتال منتقل ڪيو ويو زخمي جي سڃاڻپ نوجوان فيصل پٽ مدد برماڻي طور ٿي آهي ڊيوٽي ڊاڪٽر موجب زخمي نوجوان جو جسم 25 سيڪڙو سڙي زخمي ٿيو آهي سول اسپتال ۾ برن وارڊ نه هجڻ ڪري زخمي کي طبي امداد ڏيڻ بعد حيدرآباد ريفر ڪيو ويو آهي.

ايم ڪيو ايم پاڪستان جي اڳواڻ مقبول صديقي ۽ گورنر پاران پارڪ جو افتتاح

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ايم ڪيو ايم پاڪستان جي اڳواڻ ۽ ميمبر قومي اسيمبلي ڊاڪٽر خالد مقبول صديقي ۽ گورنر سنڌ ڪامران ٽيسوري طرفان قائداعظم يادگار ۽ پارڪ جو افتتاح ڪيس افتتاحي تقريب جي مرقعي تي ايڊمنسٽريٽر ڪراچي ڊاڪٽر سيف الرحمان. /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 41

روزاني سنڌيار سکر پبلشر اي حسين، سم پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
سومر 13 فيبروري 2023ع

دوائن جا اگهہ وڌائي بيمارن تي بار نہ وجهو!

آءِ ايم ايف سان معاملا تہ تقريبن طئي ٿي ويا آهن پر اڃا معاهدو نہ ٿيو آهي جنهن ڪري ڪجهہ ڏينهن وڌيڪ معاشي غيريقيني واري صورتحال برقرار رهندي ۽ سياسي مخالفن کي ڪيڏي تہ موقعو ملندو ۽ چاڪاڻ تہ جيستائين معاهدو نہ ٿو ٿئي مارڪيٽ ۾ غيريقيني سبب شين جا اگهہ هيٺ مٿي رهندا. پالرجي خبر تہ پئي ٿي ڪيسٽائين معاهدي ۾ تيل جي ڪوٽ جون خبرون بہ ان معاهدي تہ ٿين جي سبب آهي چاڪاڻ تہ ڊيلرن ۽ ڪمپنين اگهہ وڌڻ جي امڪان سبب اگهرات تي ذخيرا اندوزي ڪري مارڪيٽ مان تيل غائب ڪرڻ شروع ڪيو آهي تہ جيئن سستي اگهہ تي ورتل پيٽرول مهانگي اگهہ تي وڪڻي وڌيڪ ڪمائي سگهن. 170 ارب رپين جا نوان ٽيڪس لڳڻ جون خبرون آهن تہ آءِ ايم ايف سان طئي ٿي ويو آهي جنهن جو هڪ مثال اهو بہ آهي تہ 119 دوائن جا اگهہ وڌائڻ جو بہ اشارو ڏئي ڇڏيو آهي جنهن لاءِ سمري تيار ڪري منظوري لاءِ موڪلي وئي آهي. مطلب تہ عوام لاءِ ڪا خير جي خبر ناهي. آءِ ايم ايف سان معاهدو ٿيو تہ بہ عام عوام جي ڀوڳڻو پوندو جيڪڏهن انهي معاهدي ۾ رنڊڪ پوي ٿي يا دير ٿئي ٿي تڏهن بہ ان جا اثر عام ماڻهو تي پوندا چاڪاڻ تہ پوءِ تہ ڪا خبر نہ هوندي تہ مهانگائي ڪهڙي وڃي دنگ ڪري.

هونئن تہ گذريل سال ئي کان ملڪ ۾ هر شيءِ جي قيمت آسمان سان ڳالهيون ڪري رهي آهي پر جيڪي اگهہ دوائن جا وڌايا ويا آهن انهن جو اندازو بيمار ۽ عام ماڻهو کي آهي جيڪي روز دوائون استعمال ڪن ٿا. دوائون مهانگيون ٿيڻ جي ڪري ئي غريب دوائون وٺڻ بجاءِ موت کي ترجيح ڏين ٿا. اڳوڻي حڪومت ۾ جڏهن دوائون مهانگيون ٿيڻ لڳيون تہ ان وقت جي حڪومت جيڪا هاڻ تہ وڏي مخالف ڌر هئي تہ روز احتجاج ڪندي هئي تہ دوائن جي مهانگائي ٿيڻ سان عام ماڻهو پنهنجي بزرگن ۽ بيمارن کي دوائون وٺي نہ ٿو ڏئي سگهي جنهن ڪري بيمار ۽ بزرگ ڏکي زندگي گذاري رهيا آهن. ان وقت جڏهن پي ٽي آءِ جي حڪومت ۾ ٻہ تقريبن پنج سو کان ٽائين دوائن جي اگهن ۾ واڌ ٿي آهي جيڪا ملڪي تاريخ ۾ شايد ئي ڪڏهن ايتري واڌ ٿي هجي. هاڻي واري حڪومت فيصلو ڪيو آهي تہ 119 دوائن جا اگهہ وڌايا ويندا. صحت واري وزارت ۽ ڊريپ، فارما انڊسٽريز جي سامهون گوڏا کوڙي 119 دوائن جي اگهن ۾ 350 سيڪڙو کان وڌيڪ واڌ جي سمري وفاقي ڪابينا کي موڪلي ڇڏي آهي، جنهن موجب ٽائي فيم انجيڪشن جي قيمت ۾ 367 سيڪڙو واڌ جي سفارش ڪئي وئي آهي، جنهن جي پراڻي 687 رُپيا آهي ۽ نئين قيمت 3216 رُپيا ٿي ويندي. ڪلورو ڪوائن فاسفيٽ جي قيمت 206 سيڪڙو اضافي بعد ۾ 431 رُپين مان وڌي هڪ هزار 323 رُپين جي ٿي ويندي جڏهن تہ نيلٽراڪشن 213 سيڪڙو اضافي بعد 665 کان وڌي 2 هزار 84 رُپين جي ٿي ويندي. اڪين جي ڊراپس جي قيمت ۾ 177 سيڪڙو واڌ جي سفارش ڪئي وئي آهي جنهن ڪانپوءِ آءِ ڊراپس جي قيمت 26 رُپين مان وڌي 73 رپيا ٿي ويندي. هومن ڪورينڪ گونا ڊوٽروفين جي قيمت هڪ هزار 225 رپين کان 2 هزار 941 روپين تائين ٿي ويندي. اسان وٽ اها بدقسمتي رهي آهي تہ سدائين اهڙيون پاليسيون جوڙيون وينديون آهن جن جو سڌو اثر عام ماڻهو تي پوندو آهي ڪڏهن بہ ڏکين حالتن ۾ اهڙا فيصلا نہ ڪيا ويندا آهن تہ اهو بار اميرن تي وجهجي ۽ غريبن کي انهي کان بچائجي. دوائن کان وٺي عام واهپي جي شين ۽ کائڻ پيئڻ جي شين جي اگهن جي واڌ عام ماڻهو کي ئي متاثر ڪري ٿي.

نيب ٻڌڻي، ريمارڪس تي سينيٽ ۾ اعتراض

سيد زوار حسين شاهہ

سب ڳان پهريان پاڪستان، پوءِ عوام، ان کان بعد سياستدان. جڏهن عوام ووٽ ڏيئي ڪيترن ئي اهڙن ماڻهن کي جن تي ڪيترائي ڪيس هوندا، پر پوءِ پيو نہ تہ ڪرپشن جو تہ ڪيس اڪثر سياستدانن مٿان عائد ضرور هوندا. جڏهن هو ڪامياب ٿئي ٿو يا ان کان اڳ اليڪشن ڪمپئين ۾ جهڙي ريت اڪثر عوام ووٽرس کي سبز باغ ڏيکاري ٿو اهو بہ ڪنهن کان لڪيل ناهي. تہ هو ڪيل واعدن وچن تان ڪيئن ڦري وڃن ٿا. مان گذارش ڪندس تہ جيڪڏهن آئين جو حلف کڻندڙ هجي يا عام پاڪستاني شهري جيڪڏهن آئين کي تسليم نہ ڪندو ان جي خلاف هلندو تہ. ان مٿان آرٽيڪل 6 لاڳو ٿي سگهي ٿو ٻيا بہ ڪيترائي. پر ائين ڪڏهن ٿيو ناهي. ٻڌندا ايندا آهيون تہ جيڪو ائين ڪندو. ان کي سزا بہ ملندي پر اسان تقريبن ائين _ نو آهي تہ جن جن کي بہ سزا ملي ٿي. گهڻن کان تہ وڌيڪ سهولتون. انهن کي ملن ٿيون پوءِ هو ڏوهہ ڇو نہ ڪندا جنهن کي اها پڪ هجي تہ مان پلي لٽ مار ڪيان پاڪستان جي آئين کي تسليم نہ ڪيان عوام جا حق ڪانوان مونکي ڇا ٿيندو. پوءِ پاڪستان مان ڏوهہ ڪيئن ختم ٿيندا. برحال جيڪي بہ ريمارڪس آيا آهن. اهي ملڪي صورت حال تي هڪ قانون آئين يچ اپسداري حلف کڻندڙ ڏنا آهن ان تي سينٽر ميمبرن جو اعتراض بہ سمجهہ کان ٻاهر آهي. اسان پاڪستاني آهيون پاڪستان جي آئين شهرين جو احترام ڪرڻ اسان مٿان فرض آهي. اسان آئين کان واقف آهيون. جيڪو آئين اختيار هڪ شهري کي ڏيئي ٿو اهو تہ استعمال ڪري سگهون ٿا يا نہ. اهو بہ ڪو قانوندان ٻڌائي تاڪ جيڪڏهن ڪان غلطي بہ ٿي وئي آهي تہ اها ٻيهر نہ ٿيڻ گهرجي. مان سمجهان ٿو تہ آئي ايم ايف جي نون شرطن بعد ملڪ جڻ اسان گروي رکي رهيا آهيون اسان قرض ڪيئن لاهينداسين. معيشت ڪيئن بهتر ڪنداسين ڪافي سوال آهن جن جا جواب بہ حڪمران ئي ڏين جيڪي ملڪ هلائي رهيا آهن. جيڪو ڪجهہ هن وقت ملڪ اندر ٿي رهيو آهي ڪنهن کان بہ لڪيل ناهي. جنهن طرح سان سياستدان پنهنجي زاتي جنگ ۾ مصروف آهن. اهو بہ ڪنهن کان لڪيل ناهي. جنهن طرح سان ڪپتان پاڪستان تحريڪ انصاف کي بيروني، اندروني سازشت استعمال ڪندي ڪپتان کي هٽايو ويو اهو بہ ڪنهن کان لڪيل ناهي. جهڙي ريت معيشت تباهہ آهي ڪنهن کان لڪيل ناهي. جهڙي ريت عوام جي تذليل پئي ٿئي ڪنهن کان لڪيل ناهي. جهڙي طرح عام ماڻهن کي انصاف نہ پيو ملي اهو بہ ڪنهن کان لڪيل ناهي. جهڙي ريت نيب آرڊيننس ۾ ترميمون ڪري 11 سو ارب روپيا معاف ڪرايا ڪيس بہ ختم ٿي ويا باعزت بري ٿي ويا ڪنهن کان لڪيل ناهي. جهڙي ريت ملڪ جا اڪثر سياستدان مني لانڊرنگ ڪري. اربين روپيا ٻاهر کڻي ويا اهو ڪنهن کان لڪيل ناهي. جهڙي ريت مهنگائي جي ڪري عام ماڻهون بک پيو مري ڪنهن کان لڪيل ناهي. اهي سڀ ڪجهہ شيون توهان يچ اڳيان پيش ڪيون آهن مڪلڪ ڳورواقعي انتهائي نازڪ دور مان گذري رهيو آهي. ان جا ڪير زميواران آهن. اهو فيصلو ڪير ڪندو ڪير ٻڌائيندو. ڪيتريون پيون بہ ڳالهيون آهن جيڪي في الحال نہ ٿا ٻڌائي سگهون تہ عام ماڻهون ڪيئن پيو زندگي گذاري.

سينيٽ ۾ پاڪستان مسلم ليگ ن جي سينيٽرز سپريم ڪورٽ ۾ قومي احتساب بيورو (نيب) قانون ۾ ترميمن خلاف درخواست تي ٻڌڻي دوران چيف جسٽس عمر عطا بنديال طرفان ڏنل رمارڪس تي سخت اعتراض ڪندي چيو آهي تہ هن اِهو ڪيئن چيو تہ پارليامنٽ تڪراري ٿي وئي آهي. پاڪستان مسلم ليگ ن جي سينيٽر عرفان صديقي سينيٽ ۾ تقرير ڪندي چيو تہ چيف جسٽس عمر عطا بنديال گذريل ڏينهن هڪ اهڙي ڪيس ۾ رمارڪس ڏنا جنهن جو چونڊن سان سڌو سنئون تعلق نہ هيو. هن چيو تہ چيف جسٽس فرمايو تہ پارليامنٽ اڌوري آهي. پارليامنٽ کي جاتي واري مڪمل نہ پيو ڪيو وڃي. پارليامنٽ جا قانون تڪراري آهن. تنهنڪري اِها مڪمل نہ آهي. هن چيو تہ چيف جسٽس جو چوڻ هو تہ اسان جي تاريخ جو واحد ديانتدار وزيراعظم. هن نالو نہ کنيو پر سندس اشارو محمد خان جوڻيجي ڏانهن هو چيف جسٽس جي رمارڪس جو حوالو ڏيندي عرفان صديقي چيو تہ خبر ناهي ڪيس اِهو حق ڪنهن ڏنو تہ لياقت علي خان کان عمران خان تائين سمورن وزيراعظمن کي هڪ ڌڪ سان بدديانت قرار ڏئي رڳو هڪ جي باري ۾ فتويٰ ڏي. هن چيو تہ اِهي تڪليف ڏيندڙ رمارڪس آهن. اسان عدليا جو احترام ڪيون ٿا ۽ جيڪي ملڪ ۽ قومون عدالتن جو احترام ناهن ڪنديون. اُهي نانصافي ۽ ڏڪيڙن جو شڪار ٿي وينديون آهن هن چيو تہ اسان عدليا جو اُن وقت بہ احترام ڪيو هو جڏهن ڀٽي کي ڦاسي ڏني وئي هئي. جڏهن مُلڪ ۾ چار مارشلائن جي منظوري ڏني وئي اسان تڏهن بہ عدالت جو احترام ڪيو هو. اسان عدليا جو اُن وقت بہ احترام ڪيو جڏهن هڪ جرنيل کي ٻارودي چوندون وڙهڻ جي اجازت ڏني وئي. اسان عدليا جو اُن وقت بہ احترام ڪيو جڏهن هڪ وزيراعظم کي پٽ کي پگهار نہ وٺڻ تان اوهان عمر قيد لاءِ گهر پيڙو ڪري ڇڏيو. هن چيو تہ اسان عدليا جي هر فيصلو تسليم ڪيو ۽ اڳتي بہ ڪنداسين. عدليا چونڊن جي باري ۾ جيڪا ڳالهہ ڪندي اسان مڃيندا سين. اسان آئين کي مڃيون ٿا ۽ نوي ڏينهن اندر چونڊن جي شبلي فراز جي تجويز جي تائيد ڪيان ٿو. هن چيو تہ اڄ تائين ڪنهن عدالتي فيصلي تي ڇا ڪنهن وزيراعظم يا ڪنهن صدر ڪنهن سياستدان رنڊڪ وڌي آهي. اسان رنڊڪ ناهيون وجهندا ڇا اوهان ڪڏهن سوچيو آهي تہ اوهان مارشلائن جي منظوري ڪيئن ڏيندا هئا؟ ڇا مارشل لائن جي دور ۾ اوهان اهڙي قسم جا رمارڪس ڏيندا آهيو. مارشلائن جي دور ۾ اوهان وردي ڀهريل چيف ايگزيڪٽيو کي چونڊ وڙهڻ جي اجازت ڏيندا هئا. عرفان صديقي چيو تہ هڪ وزيراعظم قتل ٿي وڃي ٿو ۽ پوءِ چيو وڃي ٿو اسان کان غلطي ٿي وئي. اسان جي مٿان دٻاءُ هو. اِها تاريخ آهي. تاريخ کي پنهنجي آڏو رکو. سپريم ڪورٽ جي رمارڪس تي هن چيو تہ اوهان بہ ڄاڻي وٺو تہ هي هائوس بہ هڪ نالو. اهميت ۽ وقار رکي ٿو ۽ هن ايوان جي حوالي سان اوهان وٽ ڪو ڪيس ٿي ناهي تہ اوهان ڪيئن غير لاڳاپيل ڪيس ۾ اهڙي قسم جا رمارڪس ڏئي ڇڏيو ٿا. هن چيو تہ جيڪڏهن عدالتون پنهنجي اختيارن واري دائري کان نڪري سياسي ۽ غير لاڳاپيل بيان ڏينديون تہ پوءِ اسان جي ردعمل کي توهين عدالت نہ سمجهيو وڃي. هو پاڻ ڏسن هو ڇا ڪري رهيا آهن. سينيٽ ۾ اپوزيشن ليڊر ڊاڪٽر شهزاد وسيم عرفان صديقي جي خطاب ڪانپوءِ چيو تہ پارليامنٽ واقعي اڌوري آهي. هڪ وڏي جماعت کي جنهن طريقي سان پارليامنٽ کان ٻاهر ڪيو ويو ۽ سنڌ هائوس ۾ ٻوليون لڳيون. هن چيو تہ پنجاب ۽ ڪي پي اسيمبليون ٽٽي چڪيون آهن ۽ قانون چوي ٿو تہ ان صورتحال ۾ نوي ڏينهن اندر چونڊون ڪرايون وڃن. مان گذارش ڪيان تہ خدا جي واسطي اسان جا سياستدان هوش مان ڪم وٺن پنهنجي زاتي ضد انا جي ڪري ملڪ تباهہ ٿي ويو آهي. جڏهن تہ پهريان ئي عوام وڏي عزاب مان گذري رهيو آهي. هان تہ هڪ پورهيت سڄو ڏينهن ٽنگ ٽوڙهي. مس ڪي پنج يا ست سو ٿو ڪمائي پر ڪڏهن تہ مزدوري بہ نہ ٿي لڳي. گهرن ۾ فاقہ ڪشي آهي. غريب ملازمن کي پگهارن نہ ٿيون ملن. انهن جي پگهارن مان ڪٽوتي ٿي ٿئي. مان عرض ڪندس تہ جنهن جو ڪوئي ناهي ان جو رب آهي. اڇو تہ گڏجي پاڪستان جي عوام کي سپورٽ مهيا ڪيون باقي هنن سياستدانن جو حال پورو ٿي چڪو آهي. انهن جي رهن سهن تي نظر رکو تہ ارب پتي آهن. ويهہ ويهہ هٿيار بند ٿي نہ 10 ڏهہ ڊرائيور. انهن کي ڪهڙي خبر تہ سهنا سائين نصر ڪيئن ٿو درحن ملي ڪيئن ٿا آنا ڪلو ملي يار بس رحم ڪيو گهٽو ٿي ويو. بس خدا پاڪ جي عزاب کان ڊڄو

صوفِي سالم سي ويا، جي اَڪثر سين اَڏيارَ:
بازي بازِندنِ ڪي، آهي اَويسارَ:
پِريا سين پَهڪارَ، رِنڊِيءَ رَساڻي ڪيا

اي زندگي هر بار ٽٽو آهيان

مياں مير چانڊيو

گذريل هفتي چين ۽ شام ۾ زلزلو آيو جنهن ۾ هيل تائين ميڊيا جي رپورٽ مطابق ڏهہ هزار کان وڌيڪ ماڻهو اجل جو شڪار ٿيا آهن ۽ هزارين ماڻهو زخمي آهن جڏهن تہ لکن جي تعداد ۾ عمارتون ڊهي پٽ پيون آهن. هيل تائين دنيا ۾ ڪيترا وڏا ۽ ننڍا زلزلا آيا ۽ ڪيترو نقصان ٿيو ان تي سراسري نظر پوءِ ٿا وجهون، پهرين اهو ڄاڻڻ جي ڪوشش ٿا ڪريون تہ زلزلا earthquake چواڄن ٿا. ڀونچال يا زلزلا ڌرتي جي اندرين حرڪت جو هڪ قسم آهن جيڪي جڙيل تاسرين tectonic plates اجي مختلف رخن ڏانهن حرڪت ۽ زمين يا سمنڊ اندر آتش فشاني عمل volcanic. activity سبب ٿين ٿا. اهڙي زميني حرڪت جي ڪري ڌرتي جي سطح واري ڀون ڪڙي earth crust جي تمام گهٽي اونهاين ۾ ٿيندڙ زلزلي جي اٿڪ سبب ڀون ڪڙي crust تي تمام گهٽو ڌوڏو ۽ لوڏ shaking and vibrating پيدا ٿيندي آهي ۽ ڪن صورتن ۾ ٽٽو ڳار Magma تتي ريج يا لاوا جي شڪل ۾ نڪري سمنڊ اندر يا ڌرتي اندر وهڻ لڳندو آهي جنهن ڪري ڌرتي جي قدرتي ماحول ۾ تمام گهٽي طبعي ڦير گهير physical variation اچي ٿي، زمين ۾ ڏار پوڻ faults ڦاٽڻ ۽ ڊهڻ thurst and compression جي ڪري گهٽي تباهي اچي ٿي. شهرن جا شهر ۽ ڳوٺن جا ڳوٺ تباهہ ٿي وڃن ٿا، نديون سڪي وڃن ٿيون، ڪوهہ ڪارا ٿي وڃن ٿا ۽ درياءَ رخ مٽائي ٿا ڇڏين. زلزلي اچڻ سان زمين ڦاٽڻ ڪري گئس خارج ٿي وايو منڊل ۾ پکڙي ٿي جنهن سان زمين جو ٻاهريون لقاءُ ئي بدلجي وڃي ٿو ان کانسواءِ زلزلن جا ڪارڻ ڌرتي جي تاب يا حرارت ۽ ڌرتي جي داٻ جي متاستاءِ پيا بہ آهن. مون اخبار ۾ هاڻي پڙهيو هو تہ ترڪي ۽ شام ۾ آيل خطرناڪ زلزلي اچڻ کان پهرين نيڌرلينڊ جي موسمن ۽ زلزلن تي ريسرچ ڪندڙ هڪ ماهر ڪتيهہ ڪلاڪ اڳ زلزلي جي اڳ ڪٿي ڪئي هئي، ان کي ڪيتريقدر صحيح اڳڪٿي ڪري مڃي سگهجي ٿو ان جي تہ خبر ناهي، ڇاڪاڻ تہ زلزلن جي اڳواٽ خبر ڪنهن کي ڪونهي، جيئن ڪنهن ماڻهو کي سندس موت جي اڳواٽ خبر نہ هوندي آهي، اهو الاهي اسرار آهي، الاهي اسرار جي خبر ان کي ئي آهي جيڪو هن ڪائنات جو اپائڻهار آهي. جيئوٽيڪ سائنسي اوزارن جي مدد سان موسم جو حال احوال تہ معلوم ٿي سگهي ٿو بيمارن جي تشخيص ڪري سگهجي ٿي، ليڪن انساني تقدير جو اڳواٽ ٻڌائجي ممڪن ئي ڪونهي، ڪنهن کي اها ڪهڙي خبر تہ سڀاڻي ڇا ٿيڻو آهي. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ انسان ڪوڄنا جي جهان ۾ سدائين مشغول رهيو آهي. هن ڪڏهن ڪڏهن لوڪ ڏاهپ جي ڪري ڪي اهڙيون اڻ ٿيڻون ڳالهيون اڳواٽ بہ چيون آهن جيڪي بعد ۾ اتفاق سان ظاهر ٿيون آهن. اڳاٽي زماني ۾ زلزلي جي جسامت ڏسيندڙ ريڪٽر اسڪيل the richter scale of the earth quake magnitude نہ هئا، تنهن ڪري ننڍي کنڊ جا سياڻا ماڻهو ڀونچال /زلزلن جي اڳواٽ ڄاڻ معلوم ڪرڻ لاءِ مختلف طريقا استعمال ڪندا هئا. سنڌ ۾ اونڌو ٿالهہ زمين تي رکي ان مٿان هڪ وڏو ٿالهہ رکي ان ۾ ننڍا گول پٿر يا بلور رکندا هئا. جيڪي ڌرتي واري ٻري ڌوڏي تي ڪڙ ڪڙ ڪري وڄندا هئا ۽ ماڻهو اندازو لڳائيندا هئا تہ زلزلو ايندو. چين وارن وري هڪ پتل جو ٽپو ناهيو هو جنهن جي مٿئين حصي جي چئوڌسائن ۾ سندن قديم تصوراتي ٻاهہ اوڳاچيندڙ ۽ اڏندڙ اجگر جي منڊين جا بوتا ٺهيل هئا زلزلي جي حرڪت سبب ٽپي ۾ بيل پتل جا بلور اجگر جي وات مان نڪري هيٺ تري ۾ پتل جي ٺهيل ۽ اپ ڏنهن نهاريندڙ ڏيڏرن جي بوتن جي کليل وات ۾ وڃي ڪرندا هئا، ۽ انهن جي لڙڪن تي ماڻهن کي خبر پوندي هئي تہ زلزلو ٿو اچي. هاڻي تہ ريڪٽر اسڪيل ۾ نيون تبديليون آنديون ويون آهن، ان هوندي بہ زلزلن کان اڳواٽ جي خبر ڪنهن کي بہ نہ ٿي پوي ۽ زلزلا اچن ٿا ۽ تباهي ڪري ٿا ڇڏين. هن ڌرتي کي زلزلا سدائين ڪنهن سٽل ماڻهو کي ڌونڌاڙي جاڳائڻ جيان ڌونڌاڙيندا رهيا آهن جن جي هڪ ڏکي تاريخ آهي. 894ع ڌاري ديبل بندر انڊس ڊيلٽا ۾ زلزلو آيو هو جنهن ۾ سوا لک ماڻهو اجل جو شڪار ٿيا هئا. 1619ع ۾ الله بند /پاڪ هند سرحدي خطو ۾ زلزلو آيو هو جنهن ۾ ٽيهہ هزار ماڻهو فوت ٿيا هئا. 30 مئي 1935ع ۾ ڪوئيٽا ۾ زلزلو آيو هو جنهن ۾ ٽيهہ هزار ماڻهو ڊهي مري ويا هئا ۽ سارو شهر ئي کنڊر بڻجي ويو هو 27 نومبر 1945ع تي مڪران ۾ زلزلو آيو جنهن ۾ ٻہ هزار ماڻهو مارجي ويا هئا. 28 ڊسمبر 1974ع تي مالاڪنڊ ۾ زلزلو آيو هو جنهن ۾ پنج هزار ماڻهو فوت ٿيا هئا. 12 سيپٽمبر 1981ع تي گلگت ۾ زلزلو آيو هو جنهن ۾ ٻہ سئو ويهہ ماڻهو مارجي ويا هئا. 26 جنوري 2001ع ۾ ڪڇ ڀڄ ۽ گجرات وارن علائقن ۾ زلزلو آيو جنهن ۾ هڪ لک کان وڌيڪ ماڻهو مارجي ويا هئا. 8 آڪٽوبر 2005 تي پاڪستان جي اترئين علائقن ۾ زلزلو آيو جنهن ۾ بہ هڪ لک اجل جو شڪار ٿيا هئا. اهڙي ريت ننڍي کنڊ سميت دنيا ۾ ڪيترن ئي ملڪن ۾ ننڍا توڙي وڏا زلزلا ايندا رهندا آهن جنهن ڪري اهي علائقا کنڊرن ۾ تبديل ٿيندا رهيا آهن. هن وقت جتي دنيا دهشتگردي، ڪورونا ۽ ٻين سببن ڪري معاشي بدحالي ۽ بک جي ور چڙهيل آهي اتي وري زلزلي جهڙي آفت جو اوچتو اچڻ اتان جي انسانن جي سورن ۾ چئوڻو واڌارو ڪيو آهي. پل تہ زلزلا زمين جي اندروني حرڪت جو نتيجو هجن پر ان سان گڏ زلزلن يا ٻين قدرتي آفتن کي هن ڪائنات ۾ انساني عملن جو نتيجو بہ سڏي سگهجي ٿو

متاثر ٿيا آهن ڊبليو ايڇ او متاثرن لاءِ 42.8 ملين ڊالر جي فوري امداد جي اپيل ڪئي. ٻئي طرف گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل انتونيو گوتريس سلامتي ڪائونسل تي زور ڏنو آهي تہ شام ۾ امدادي مرڪز کولڻ جي اجازت ڏني وڃي.

بقايا 09

۾ جمع ڪرائي ڇڏي. اليڪشن ڪميشن ڪيترائي ڀيرا تن جماعتن طرفان اسڪروٽني ۾ دير تي پي ٽي آءِ جا اعتراض رد ڪيا ويا آهن. رپورٽ ۾ هر هر وڪيلن جي تبديلي، ٻڌڻي هيٺ درخواستن ۽ اسڪروٽني ميمبرن جي غير موجودگي کي دير جو اهم ڪارڻ قرار ڏنو ويو آهي. اليڪشن ڪميشن جي رپورٽ ۾ ڄاڻايو ويو آهي تہ اسڪروٽني ڪميٽي جي ميمبرن جي تبديلي بہ دير جو هڪ سبب بڻي. هڪ ڪميٽي ميمبر ڪورس لاءِ ويو ۽ نئين ميمبر جي مقرري ۾ چار مهينا لڳي ويا. تيرنهن ڊسمبر 2021ع تي ڊپٽي آڊيٽر جنرل مسعود اختر جي رٽائرمينٽ سبب بہ ڪميٽي غيرفعال ٿي وئي

بقايا 10

جي منصوبن تي ڪم تيز ڪرڻ جي هدايت ڪئي. هن چيو تہ سج ۽ هوا سان بجلي پيداوار کي هٿي ڏيڻ حڪومت جي ترجيح آهي. جديد ذريعن سان گهٽ لاڳت واري ۽ ماحول دوست بجلي پيدا ٿيندي. 10 هزار ميگا واٽ جي شمسي توانائي جي منصوبي تي ڪم جاري آهي. سنڌس موجب گذريل حڪومت ن ليگ دور جا منصوبا پورا نہ ڪيا. پي ٽي آءِ جي مجرماڻي غفلت سبب عوام تڪليف ۾ آهي. لاڳاپيل ادارا حڪمت عملي ڏين. منصوبن ۾ پيش رنڊڪون ختم ڪنداسين.

بقايا 11

ويو آهي. پوليس موجب جوابدار وارث علي خلاف بہ 295 بي تحت ڪيس داخل ڪيو ويو آهي. پوليس ذريعن جو چوڻ آهي تہ جوابدار کي مارينداڙن خلاف ايف آءِ آر سيل ڪئي وئي آهي ۽ واقعي ۾ ملوث ماڻهن جي گرفتاري لاءِ ڇاپا هنيا پيا وڃن. واضح رهي تہ گذريل ڏينهن ننڪاڻہ صاحب جي علائقي واربرٽن ۾ مجرمل ماڻهن ٿاڻي تي ڪاهہ ڪري توهين مذهب جي الزام جي جوابدار کي ٿاڻي مان ڪڍي تشدد ڪري ماري ڇڏيو هو. وزيراعظم، پنجاب جي نگران وڏي وزير ۽ آءِ جي واقعي جو سخت نوٽيس ورتو هو جنهن ڪانپوءِ ڊي ايس پي ننڪاڻہ ۽ لاڳاپيل ٿاڻي جي ايس ايڇ او کي معطل ڪيو ويو هو

بقايا 12

انٽي جي فراهمي بہ گهٽ ٿي وئي آهي. پنجاب حڪومت هڙتال جو سبب بڻجندڙ 12 فلور ملن جو ڪوٽا معطل ڪري ڇڏيو آهي

سيڪريٽري فوڊ پنجاب جو چوڻ آهي تہ هو بليڪ ميلنگ ۾ نہ ايندا. ٻئي طرف ڪراچي، لاهور، پشاور ۽ ڪوئيٽا سميت مختلف شهرن ۾ بہ مرغي جي اگهن ۾ واڌ ٿي وئي. هڪ ڪلو مرغي جو اگهہ 600 رپيا ٿي ويو آهي.

بقايا 13

ڪرڻ جون ڳالهيون ٿي رهيون آهن. جيڪڏهن ايئن ٿيو تہ ان جا ملڪي سيڪيورٽي تي ناڪاري اثر پوندا. اهڙين احمقاڻن پاليسين سان ملڪي سالميت کي داءُ تي لڳايو پيو وڃي. سماجي رابطن واري ويب سائيٽ ٽوئيٽر تي جاري ڪيل بيان ۾ فواد چوڌري چيو آهي تہ اهڙين پاليسين سان پاڪستان جو ايٽمي پروگرام دشمن جي پروپيگنڊا جو مرڪز هوندو ۽ اسان جي آزادي فقط رسمي رهجي ويندي. هن چيو تہ ملڪ ۾ عام چونڊون ڪرائي حڪومت چونڊيل ماڻهن کي ڏني وڃي، ملڪ جي مستقبل سان کيڏڻ بند ڪيو وڃي. پي ٽي آءِ اڳواڻ چيو تہ ڪي پي جي آءِ جي پوليس معظم انصاري ڪانپوءِ لاهور هائي ڪورٽ جي جسٽس جواد حسن بہ "اسڪرپٽ" بدران آئين جي پاسداري ڪئي آهي. آئين جا محافظ قوم جا هيرو بڻجي ويندا ۽ آئين جي پچڪڙي ڪندڙن عوام آڏو اٿڪا ٿي ويندا ۽ عهدا ڇڏڻ ڪانپوءِ صحافين کي فون ڪري وضاحتون پيش ڪندا رهندا.

بقايا 14

ويجهو آهي. لاهور ۾ خواجا سعد رفيق جي صدارت هيٺ اجلاس ٿيو جنهن ۾ قراقرم ايڪسپريس، ڪراچي ايڪسپريس ۽ پاڪ بزنس ايڪسپريس کي 120 ڏينهن اندر اپ گريڊ ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو. خواجا سعد رفيق چيو تہ خيبر ميل ۽ جعفر ايڪسپريس

جي بهتر سار سنڀال بہ ڪئي ويندي. جاري ڪيل پڌرائي موجب ڊرائي پورٽس جي آمدني 2 ارب رپين تائين ڪٺڻ جو ٽاسڪ ڏنو ويو آهي. ان کان علاوه بلوچستان ۾ ٻوڏ متاثر هاڪڙي پل جي بحالي تي اڳڀرائي جو جائزو وٺڻ لاءِ چيو ويو آهي. پڌرنامي ۾ چيو ويو تہ سبي ۽ تفتان ريلوي اسٽيشنن جي اپ گريڊيشن لاءِ پلان تيار ڪيو وڃي ۽ ڪوئيٽا ۽ زاهدان وچ ۾ مال بردار سفري وقت ۾ گهٽتائي لاءِ حڪمت عملي تيار ڪرڻ جو بہ مطالبو ڪيو ويو.

بقايا 15

سطح تي پهچي وئي آهي. سنڌ جي تخت گاهہ ڪراچي ۾ ڪڪڙ جي گوشت جي قيمت تاريخ جي بلند ترين سطح تي پهچي وئي. شهر ۾ ٽن ڏينهن دوران ڪڪڙ جي گوشت جي قيمت 100 رپيا وڌي آهي. جنهن ڪانپوءِ شهر ۾ گوشت 700 کان 720 رپيا في ڪلو وڪرو ٿي رهيو آهي. لاهور ۾ ڪڪڙ جو گوشت 620 رپيا في ڪلو ملي رهيو آهي. جڏهن تہ ڪوئيٽا ۾ ان جي قيمت 700 رپيا ٿي وئي آهي.

بقايا 16

جي 5 ڏينهن کان ڳولا ڪئي پئي وڃي پر نوجوان جو لاش واهہ مان هٿ نہ آيو آهي. قاضي احمد شهر جو رهواسي حافظ نعمان صديقي جو ذهني توازن صحيح نہ هو ۽ پنج ڏينهن اڳ گهر ڇڏي ويو هو. وارثن موجب قطري جامع جو نوجوان حافظ نعمان بحريا ٽائون نوابشاهہ وٽ روهڙي ڪئنال جي ڪناري تي بيٺو هو تہ هن ٽپو ڏئي خودڪشي ڪري ڇڏي ۽ ڏاڪڻ تان هيٺ لٿو هو تہ نوجوان جو پير ترڪڻ سبب واهہ ۾ ٻڏي ويو جڏهن تہ پنجن ڏينهن کان وارثن پاران نوجوان جي لاش جي ڳولا جاري آهي پر لاش هٿ نہ اچي سگهيو. ميڊيا سان ڳالهائيندي هن چيو تہ پنجن ڏينهن ۾ رڳو هڪ سرڪاري غوطہ خور آيو باقي انتظاميہ ۽ چونڊيل نمائندا ڳولا ۾ ڪابہ مدد نہ ڪئي. هنن لاش جي ڳولا ڪرائڻ ۾ انتظاميہ ۽ وس وارن کان مدد ڪرڻ جي اپيل پڻ ڪئي آهي. جڏهن تہ وارث پنهنجي مدد پاڻ لاش ڳولا ڪرڻ ۾ مصروف آهن

بقايا 17

ڪيو آهي. ذريعن موجب پ پ طرفان نندي چونڊ لاءِ پنهنجي نامزد اميدوارن سان مشاورت ڪئي ويندي. ذريعن جو چوڻ آهي تہ نامزد اميدوارن سان مشاورت ڪانپوءِ نندي چونڊ ۾ حصو وٺڻ يا نہ وٺڻ بابت فيصلو ڪيو ويندو. واضح رهي تہ هڪ ڏينهن اڳ پ پ قيادت سان پي ڊي ايم اڳواڻن جي ورچوئل ميٽنگ ٿي هئي. جنهن ۾ پي ڊي ايم اڳواڻن پ پ کي نندي چونڊ ۾ حصو نہ وٺڻ جي تجويز پيش ڪئي هئي.

بقايا 18

ٽانڪ جي ٿاڻي گومل تي دهشتگردن حملو ڪيو. پوليس ٿڌي تي فائرنگ جو جواب ڏيندي حملو ناڪام بڻائي ڇڏيو. پوليس ۽ دهشتگردن ۾ 15 منٽن تائين فائرنگ جي ڏي وٺ ٿي. جنهن ۾ ڪنهن جاني نقصان جو اطلاع نہ مليو. جڏهن تہ پوليس جي جوابي فائرنگ ۾ حملي آور فرار ٿي ويا. حملي ڪانپوءِ پوليس علائقي ۾ سرچ آپريشن شروع ڪري ڇڏيو. ٻئي پاسي بنون ۾ سي ٽي ڊي ڪارروائي ڪري 3 دهشتگرد گرفتار ڪري ورتا. جن جو واسطو ڪالعدم ٽي ٽي پي سان آهي. ٻئي پاسي اتر وزيرستان جي علائقي داندي سيدگي ۾ اهلڪار جي گهر تي فائرنگ ۾ اي ايس آءِ سميت 8 ڄڻا زخمي ٿي پيا.

بقايا 19

پاڪستان جي سربراهي ۾ 5 رڪني بينچ 13 فيبروري تي ڪيس جي ٻڌڻي ڪندي. جسٽس اعجازالاحسن، جسٽس منيب اختر، جسٽس جمال خان مندوخيل ۽ جسٽس محمد علي مظهر بہ بينچ ۾ شامل آهن. واضح رهي تہ سپريم ڪورٽ جي آءِ ٽي کان يو اي اي ۽ ڪينيا ۾ جاچ تي رپورٽ طلب ڪئي آهي.

بقايا 20

ڪم ڪري رهيا آهيون ۽ ڪجهہ سياستدان پنهنجي ڪِرپل ايجنڊا کي اڳتي وڌائي رهيا آهن. عمران خان ساڍا 3 سال پنهنجي ڪِرپل ايجنڊا هلائيندو رهيو. عمران خان آءِ ايم ايف سان معاهدو ڪيو جنهن تي عمل ڪندي اسان هٿي پهتاسين. هن چيو تہ شوڪت ترين خلاف انڪوائري مڪمل ٿي وئي آهي ۽ حڪومت ڪيس گرفتار ڪرڻ جي اجازت ڏئي ڇڏي آهي. ايف آءِ اي شوڪت ترين جي گرفتاري جي اجازت گهري هئي. سنڌس وڌيڪ چوڻ هو تہ اڳ ۾ اسان ۽ پ پ وارا غلط

هئاسين. هڪٻئي خلاف ڳالهائيندا هئاسين. هاڻ ڳالهہ سمجهہ ۾ اچي وئي آهي. اصل چور عمران خان نيازي آهي. واضح رهي تہ ايف آءِ اي، آءِ ايم ايف ڊيل بابت آڊيو ليڪ جي جاچ ڪانپوءِ اڳوڻي ناڻي واري وزير شوڪت ترين خلاف قانوني ڪارروائي شروع ڪرڻ جو فيصلو ڪيو هو ۽ گهرو وزارت کان سندس گرفتاري جي اجازت گهري هئي.

بقايا 21

ڪميشن اسلام آباد وانگر صوبائي چونڊون نہ ڪرائيندي. اليڪشن ڪميشن منشين تي مشتمل آهي. پي ٽي آءِ اڳواڻ جو چوڻ هو تہ آئين سان ٽڪراءَ جي ملڪ کي مهانگي قيمت ادا ڪرڻي پوندي. اليڪشن ڪميشن جو اڄ ٿي اجلاس ٿيڻ گهرجي ها. جاري ڪيل بيان ۾ هن وڌيڪ لکيو تہ بس ٿي ويو اسان جي تحريڪ آئين جي بالادستي لاءِ تيار آهي. اها تحريڪ جيل ڀريو کان شروع ٿيندي.

بقايا 22

جمعو ولد دلدار رند کي نامعلوم ماڻهن ڪهاڙين جا وار ڪري قتل ڪري ڇڏيو واقعي جو اطلاع ماڙي جلباڻي پوليس کي ڏيڻ باوجود پوليس اتي نہ پهتي جنهن سبب لاش ڪافي دير واقعي واري واردات تي پيل رهيو جنهن ڪانپوءِ اطلاع ملڻ تي ڳوٺاڻن جي مدد سان سڪرنڊ مان ايڌي همدرد فري ايمبولينس سروس وسيلي مڙهہ کي تعلقہ اسپتال سڪرنڊ پهچايو ويو مقتول پيرسن جي وارثن جو چوڻ آهي تہ مقتول رٽائر فوجي اهلڪار هو جڏهن تہ اسان جي ڪنهن سان ڪابہ دشمني ناهي. اسان سان وڏو ظلم ڪيو ويو آهي. ٻئي طرف ماڙي جلباڻي پوليس ڪافي دير بعد جاءِ واردات تي پهتي ۽ واقعي بابت جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي

بقايا 23

ٿي. زلزلي دوران پناهہ وٺڻ لاءِ بهترين جڳهون پهرين عمارت ۾ داخل ٿيڻ جا دروازا آهن. پوءِ اهي جڳهيون آهن جن ۾ لوڊ بيئرنگ سپورٽ آهن. ٽيون آپشن سخت فرنيچر جي هيٺان جڳهون آهن جهڙوڪ ڊيسڪون يا بسترا. ڇت هيٺان ڪمرو نقصان جي لاءِ سڀ کان خطرناڪ جاءِ آهي. بيو سڀ کان وڌيڪ خطرناڪ جاءِ وڏو فرنيچر آهي.

بقايا 24

خاندان اباڻا ڪڪ ڇڏي انڊيا روانا ٿي ويا عورتن ۽ ٻارڙن سميت 27 ڄڻن جي روانگي وقت وڏي انگ ۾ ڳوٺاڻا گڏ ٿي ويا. ڏک وارو ماحول ڇانئجي ويو ۽ مرشي ڪولهي ۽ ٻين جو چوڻ هو تہ انڊيا ۾ مائٽ رهن ٿا، پنهنجي مرضي سان لڏپلاڻ ڪري وڃي رهيا آهيون

بقايا 25

پيدائش ۽ گهٽ وزن هئڻ سبب ڇئني ٻارن کي انتهائي نگهداشت واري يونٽ ۾ منتقل ڪيو ويو آهي. ڇئني ٻارن کي انتهائي نگهداشت يونٽ ۾ داخل ڪيو ويو آهي. جڏهن تہ آپريشن ڪانپوءِ ماءُ جي حالت بهتر آهي

بقايا 26

ٽير انطاڪيہ شهر ۾ زلزلي جي 128 ڪلاڪن ڪانپوءِ ٻن مهينن جي ٻار کي جيئرو ڪڍيو ويو، مائيڪ بورائن نالي واهپيدار ٽوئيٽر تي وڊيو پوسٽ ڪئي، جنهن جي ڪيپشن ۾ هن لکيو تہ اڄوڪي ڏينهن جو هيرو هي هڪ ننڍو ٻار. جنهن کي زلزلي جي 128 ڪلاڪن ڪانپوءِ بچايو ويو جيڪا وهنجڻ ۽ کاڌو کائڻ ڪانپوءِ مطمئن آهي.

بقايا 27

ٻڌايو ويو پوليس موجب ريپر ۽ سنڌس دوست کي نائيٽ ڪلب ٻاهران گاڏي طرف ويندي ٻن هٿيار بندن مٿن فائرنگ ڪئي جنهن جي نتيجي ۾ ٻنهي ٿڌي تي دم ڏئي ڇڏيو. رپورٽس موجب مرحوم ريپر جو نئون ميوزڪ البم ستاويهين فيبروري تي رليز ٿيڻ وارو آهي ان کان اڳ ئي ڪيس قتل ڪيو ويو. آڪا ڏکڻ آفريڪا جا ڪيئي ميوزڪ ايوارڊ پنهنجي نالي ڪيا ۽ ڪيئي دفعا آمريڪا جي بليڪ انٽرٽينمينٽ ٽيلي ويزن ايوارڊ (بي اي ٽي) لاءِ پڻ نامزد ڪيو ويو

بقايا 28

جي عبدالغني ملاح، شهري اڳواڻ ڊاڪٽر محبوب خواجہ ۽ ڪرشن ڪمار جي اڳواڻي ۾ صوفي شاهہ عنايت پريس ڪلب ميرپور بٺورو اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو اڳواڻن پاران بدامني خلاف سخت نعريبازي پڻ ڪئي وئي. انهي کان اڳ پريس ڪانفرنس ڪندي اڳواڻن چيو تہ ميرپوربٺورو ۾ بدامني سبب روزانو ڏوهي وارداتون معمول بڻجي ويو آهي ۽ واپاري

توڙي شهري غير محفوظ بڻجي ويا آهن. هنن چيو تہ شهرواسين جي احتجاج باوجود پوليس پاران ڪابہ ڪارروائي ناهي ڪئي نہ ئي ڪو جوابدار گرفتار ڪري سگهي آهي.

بقايا 29

ڪيو آهي. هڪ بيان ۾ يونيورسٽين بابت وزير اسماعيل راهو سينيٽ وي سيز کي هدايت ڪئي تہ يونيورسٽيون موسمياتي تبديلي تي آگاهي بابت الڳ مضمون متعارف ڪرائين. اسماعيل راهو چيو تہ ماحولياتي تبديلي جي اثرن سبب سنڌ وڌيڪ گرمي پد ۽ ڏڪار جو شڪار ٿيڻ لڳي آهي. موسمياتي تبديلين جي ناڪاري اثرن کان بچڻ لاءِ يونيورسٽين ۾ شاگردن کي بنيادي ڄاڻ فراهم ڪرڻ جي سخت ضرورت آهي. هن چيو تہ موسمياتي تبديلي بابت مضمون پڙهائڻ سان انساني صحت جي معيار کي بهتر ڪرڻ ۾ مدد ملندي ۽ شاگردن کي روزگار جا وڌيڪ موقعا بہ فراهم ٿيندا. سنڌس موجب پاڪستان دنيا ۾ سڀ کان وڌيڪ متاثر ٿيندڙ ملڪن مان هڪ آهي. جيڪڏهن موسمياتي تبديلي تي آگاهي نہ ڏني وئي تہ ايندڙ نسل ڏڪيائين کي منهن ڏيندو.

بقايا 30

ڪمن ۾ پاڪستاني ٽيم جي اڪيلي عورت ميمبر ديبا شهباز بہ شامل آهي. جيڪا آديامان جي علائقي ۾ ڏڪئي ريسڪيو آپريشن ڪانپوءِ هڪ 50 ورهين جي عورت کي ملبي مان ڪڍڻ ۾ ڪامياب ٿي وئي. ديبا شهباز موجب اسان ريسڪيو آپريشن ڪري رهيا هئاسين پر گڏوگڏ دعا بہ گهري رهيا هئاسين تہ اسان ايڊو رسڪ ڪئي رهيا آهيون. سنڌس چوڻ هو اسان کي خبر ناهي تہ موٽنداسين بہ يا نہ. ڪا خبر ناهي تہ ڪهڙي بہ مهل ڪا عمارت ڪِري پئي.

بقايا 31

مارجي ويا. مارجي ويلن ۾ ٽي ٻار بہ شامل آهن. 32 ورهين جي شخص کي ڦاهيءَ تي لٽڪايو ويو جڏهن تہ سندس 30 ورهين جي زال ۽ ٽي ٻار پڻ قتل ڪيا ويا. فوت ٿيل ٻارڙن جي عمر 8 کان 3 سالن جي وچ ۾ هئي. سنڌن ٻيرن ۾ پيل هئا. اهو واقعو راڄڌاني خرطوم کان 480 ڪلوميٽر اوڀر ۾ واقع قصلا شهر جي عرب ڪالوني ۾ پيش آيو. واقعي جو اطلاع ملندي ئي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي واقعي واري هنڌ کي ڪڙو چاڙهي ڇڏيو. مارجي ويل پنجن ڄڻن جا لاش ڪسلا اسپتال منتقل ڪيا ويا آهن. پوسٽ مارٽم ڪانپوءِ لاشن کي دفنايو ويندو. ذريعن موجب ان واقعي بابت تڪراري بيان بہ سامهون اچي رهيا آهن. ڪجهہ ماڻهو ان کي خانداني جهيڙو قرار ڏئي رهيا آهن. هڪ ٻي رپورٽ موجب مڙس پنهنجي زال ۽ ٽن ٻارن کي زهر ڏئي قتل ڪري خودڪشي ڪئي آهي.

بقايا 32

ليگ (ن) ۽ جي يو آءِ (ف) جي فنڊن جي جاچ بابت 165 صفحن تي ٻڌل رپورٽ اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ جمع ڪرائي ڇڏي. رپورٽ ۾ اليڪشن ڪميشن جاچ ۾ دير تي پي ٽي آءِ جا اعتراض رد ڪري ڇڏيا آهن. جڏهن تہ اليڪشن ڪميشن چيو آهي تہ جاچ ۾ دير جو سبب ڪيترائي ڀيرا وڪيلن جي تبديلي، ملتوي جون درخواستون، اسڪروٽني ميمبرن جو نہ اچڻ آهي. ان کان سواءِ رپورٽ ۾ چيو ويو آهي تہ سمورن سياسي پارٽين کي بنا ڪنهن فرق جي برابري جو ميدان فراهم ڪيو پيو وڃي. اليڪشن ڪميشن موجب 31 جولاءِ 2018ع کان 16 جنوري 2023ع تائين اسڪروٽني ڪميٽي جا ڪيترائي اجلاس ٿيا. رپورٽ ۾ چيو ويو آهي تہ درخواستگذار جا خدشا بي بنياد ۽ حقيقتن جي ابتڙ آهن. عامر ڪياني جي درخواست تي 19 سياسي پارٽين جي فنڊن جي جاچ واري عمل کي بہ رپورٽ جو حصو بڻايو ويو آهي. اليڪشن ڪميشن رپورٽ جمع ڪرائڻ ۾ دير جا سبب بہ ٻڌائي ڇڏيا. اليڪشن ڪميشن چيو تہ اسڪروٽني ڪميٽي جي ميمبرن جي تبديلي بہ دير جو سبب آهي. هڪ ڪميٽي ميمبر ڪورس لاءِ ويو، نئون ميمبر مقرر ڪرڻ ۾ 4 مهينا لڳي ويا. اليڪشن ڪميشن 13 ڊسمبر 2021ع تي ڊپٽي آڊيٽر جنرل مسعود جي رٽائرمينٽ هئي. اليڪشن ڪميشن موجب ڪورونا سبب رابطا ڪميٽي جي ڪارروائي روڪٽي هئي. ڪميٽي ميمبر منظور اي ملڪ اوپن هارٽ سرجري سبب 16 جولاءِ کان 17 سيپٽمبر 2021 تائين موڪل تي هو منظور اي ملڪ 24 جولاءِ کان عمري جي موڪل تي هو. آڪٽوبر 2022ع کان 17 نومبر 2022ع تائين ڪميٽي ميمبر خرم رضا قريشي جي

ڏکي موڪل سبب حسنات ملڪ کي ڪميٽي جو ميمبر مقرر ڪيو ويو.

بقايا 33

شهرن ۾ سياٽي موسم ٿڌي ۽ خشڪ رهڻ جي اڳڪٿي ڪري ڇڏي آهي. موسميات کاتي جو چوڻ آهي تہ وفاقي راڄڌاني اسلام آباد سميت مُلڪ جي مختلف شهرن ۾ موسم ٿڌي ۽ خشڪ رهندي. خيبرپختونخوا جي اڪثر علائقن ۾ موسم سرد ۽ خشڪ رهندي. جڏهن تہ پنجاب جي مختلف شهرن ۾ ٻڌ موسم ٿڌي ۽ خشڪ رهڻ جو امڪان آهي. رپورٽ ۾ ڄاڻايو ويو آهي تہ بلوچستان جي ڪجهہ ضلعن ۾ موسم سرد ۽ خشڪ رهندي. جڏهن تہ سنڌ جي مختلف شهرن ۾ موسم خشڪ رهندي. ڪشمير ۽ گلگت بلتستان ۾ موسم جهڙالي ۽ ٿڌي رهندي. رپورٽ ۾ وڌيڪ چيو ويو آهي تہ مُلڪ جي ميداني علائقن ۾ اڄ رات موسم ٿڌي ۽ خشڪ رهڻ جو امڪان آهي. انڪانسواءِ گلگت بلتستان، ڪشمير ۽ لاڳاپيل جابلو علائقن ۾ ڪجهہ ماڳن تي گجگوڙ ۽ ڪنوڻ سان گڏ برسات ۽ برفباري جو امڪان آهي.

بقايا 34

پاور ريگوليٽري اٿارٽي (نيپرا) ۾ درخواست داخل ڪري ڇڏي آهي. نيپرا 22 هين فيبروري تي ڪمپنين جي درخواست تي ٻڌڻي ڪندي. ليسڪو ڇهہ ارب چوٽيهہ ڪروڙ سترلک رُپيا، گيپڪو ڇهہ ارب 56 ڪروڙ سٺ لک رُپيا، فيسڪو چار ارب 47 ڪروڙ 90 لک رُپيا، ميپڪو 2 ارب چاليهہ ڪروڙ 70 لک رُپيا ۽ آئيسڪو هڪ ارب ٺٽيهہ ڪروڙ ويهہ لک رُپيا اوڳاڙڻ جي درخواست ڏني آهي. نيپرا ٻڌڻي ڪانپوءِ درخواست جي منظوري بابت فيصلو ڪيو ويندو

بقايا 35

چوڪ کان شروع ٿي ويوريگل چوڪ کان نڪتل مارچ ڪراچي پريس ڪلب پهچندو. جتي اڳواڻ خطاب ڪندا. مارچ ۾ وڏي انگ ۾ عورتون ۽ ٻار بہ شامل آهن. سنڌ جا وسيلا بچايو سنڌ دشمن منصوبا نامنظور ۽ ٻيا نعرا هنيا ويا. اڳواڻن جو چوڻ آهي تہ جيڪو سنڌ خلاف ڪم ڪري پيو اهو هتان هليو وڃي. سنڌ ۾ هٽ وٺي مهانگائي ڪئي وئي آهي. سنڌ جا وسيلا وفاق حوالي ڪيا ويا آهن. هٽ سان سنڌ جي وسيلن کي ڌارين حوالي ڪيو ويو آهي. مارچ ۾ شريڪ عورتن جو چوڻ هو تہ عوامي تحريڪ جو مارچ مهانگائي، دهشتگردي، بدامني ۽ سنڌ جي وسيلن جي ڦرلٽ خلاف آهي. سنڌ ۾ مقامي ماڻهن کي نظرانداز ڪيو پيو وڃي. سنڌ جي ادارن ۾ ڌارين کي ڀرتي ڪيو ويو آهي

بقايا 36

گر ٿي ويو جنهن بابت ڪاهي پوليس کي اطلاع ڏنو ويو. ڪيس داخل ڪيو ويو هڪ ڄڻو گرفتار ٿي ويو ڪاهي پوليس جو چوڻ آهي تہ دولت کي سنڌس سنڌو فتيو ڪولهي قتل ڪيو جيڪو ڪيس جج جي پوپان آيو. ڪيس فون ڪري گهران سڏي وٺي ويو هو نوجوان گهوٽ دولت کي ڪهاڙين جا وار ڪري قتل ڪري لاش فصل ۾ اڇلايو ويو هو مقتول جي سنڌو فتيو ڪولهي کي گرفتار ڪيو آهي مقتول جي والد آتم موجب نوجوان پٽ جي 4 ڏينهن اڳ ڪنري شهر مان شادي ڪرائي هئي. ڇوڪري جو پٽ سنڌو فتيو ڪولهي ناراض هو سالي سان شادي تي دولت کي قتل ڪيو ائين. انصاف ڪيو وڃي ڪيرو ڪاهي پوليس دولت جي والد جي فرياد تي فتيو ڪولهي ولد عيسرو ڪولهي تي ڪيس داخل ڪري ڪيس گرفتار ڪري ورتو آهي

بقايا 37

، عمران خان غير سياسي دماغ آهي ، اعلان ڀهريان ڪندو آهي سوچيندو پوءِ آهي. هن چيو تہ جيڪڏهن عمران خان ۾ همت آهي تہ سڀ کان پهرين هو پاڻ پنهنجي گرفتاري پيش ڪري، هن چيو تہ عمران خان کي سنڌ ۾ گرفتاري پيش ڪرڻ جي آڇ ڪريان ٿو لانڍي جيل ۾ هن جي خوب خاطر تواضع ڪندا سين. شرجيل انعام ميمڻ وڌيڪ چيو تہ عمران خان ۽ سنڌس ساٿي جيل ڀريو تحريڪ نہ پر جيب ڀرو تحريڪ جا ماهر آهن. هن چيو تہ ڪٽڪ، دوائن، تيل ۽ کنڊ اسڪينڊلز مان عمران خان ۽ هن جي گوگن ۽ گوگين پنهنجا کيسا ڀريا. عمران خان نيازي شوڪت خانم جيتي چندي جي رقم بہ نہ ڇڏي. هن چيو تہ عمران خان پاڻ عدالت ۾ اعتراف ڪيو آهي تہ شوڪت خانم اسپتال جي چندي مان 30 لک ڊالر سيڙپڪاري ۾ استعمال ڪيا ويا آهن. سنڌ جي سڌ سماءَ واري وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي تہ حد تہ اها آهي جو عمران خان چوي ٿو تہ چندي جي پيسن مان سيڙپ ڪرڻ جي ذمہ

واري شوڪت خانم ٽرسٽ جي بورڊ آف ڊائريڪٽر تي عائد ٿئي ٿي. هن چيو تہ اڄ ملڪ جنهن صورتحال تي پهتل آهي ان جو ذميوار پيو ڪو بہ نہ پر عمران خان آهي. هن پنهنجي ڇئن سالن جو دور پاڪستان جي مسئلن تي ڌيان ڏيڻ بدران مخالفن کي نشانو بڻائڻ تي وڃايو. سنڌ جي اطلاعات واري وزير چيو تہ آئي ايم ايف سان معاهدا عمران خان ڪيا ، جنهن تي هن يوٽرن ورتو. هن چيو تہ موجوده اتحادي حڪومت عمران خان جي آءِ ايم ايف سان معاهدن تي عملدرآمد ڪرائي رهي آهي. هن چيو تہ عمران خان اڄ بہ لاڏلو بڻيل آهي. عدالتن ۾ هن خلاف اوپن اينڊ شٽ ڪيس موجود آهن. ان تي ميرٽ تي فيصلا ٿيا تہ عمران خان ۽ سنڌس سمورو ٽبر نااهل ٿي ويندو

بقايا 38

ليگ (ن)، ۽ جي يو آءِ (ف) جي فنڊن جي جاچ بابت 165 صفحن تي ٻڌل رپورٽ اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ جمع ڪرائي ڇڏي. رپورٽ ۾ اليڪشن ڪميشن جاچ ۾ دير تي پي ٽي آءِ جا اعتراض رد ڪري ڇڏيا آهن. جڏهن تہ اليڪشن ڪميشن چيو آهي تہ جاچ ۾ دير جو سبب ڪيترائي ڀيرا وڪيلن جي تبديلي، ملتوي جون درخواستون، اسڪروٽني ميمبرن جو نہ اچڻ آهي. ان کان سواءِ رپورٽ ۾ چيو ويو آهي تہ سمورن سياسي پارٽين کي بنا ڪنهن فرق جي برابري جو ميدان فراهم ڪيو پيو وڃي. اليڪشن ڪميشن موجب 31 جولاءِ 2018ع کان 16 جنوري 2023ع تائين اسڪروٽني ڪميٽي جا ڪيترائي اجلاس ٿيا. رپورٽ ۾ چيو ويو آهي تہ درخواستگذار جا خدشا بي بنياد ۽ حقيقتن جي ابتڙ آهن. عامر ڪياني جي درخواست تي 19 سياسي پارٽين جي فنڊن جي جاچ واري عمل کي بہ رپورٽ جو حصو بڻايو ويو آهي. اليڪشن ڪميشن رپورٽ جمع ڪرائڻ ۾ ديرجا سبب بہ ٻڌائي ڇڏيا. اليڪشن ڪميشن چيو تہ اسڪروٽني ڪميٽي جي ميمبرن جي تبديلي بہ دير جو سبب آهي. هڪ ڪميٽي ميمبر ڪورس لاءِ ويو، نئون ميمبر مقرر ڪرڻ ۾ 4 مهينا لڳي ويا. اليڪشن ڪميشن 13 ڊسمبر 2021ع تي ڊپٽي آڊيٽر جنرل مسعود جي رٽائرمينٽ هئي. اليڪشن ڪميشن موجب ڪورونا سبب رابطا ڪميٽي جي ڪارروائي روڪٽي هئي. ڪميٽي ميمبر منظور اي ملڪ اوپن هارٽ سرجري سبب 16 جولاءِ کان 17 سيپٽمبر 2021 تائين موڪل تي هو منظور اي ملڪ 24 جولاءِ کان عمري جي موڪل تي هو. آڪٽوبر 2022ع کان 17 نومبر 2022ع تائين ڪميٽي ميمبر خرم رضا قريشي جي ڏکي موڪل سبب حسنات ملڪ کي ڪميٽي جو ميمبر مقرر ڪيو ويو.

بقايا 39

جي 5 ڏينهن کان ڳولا ڪئي پئي وڃي پر نوجوان جو لاش واهہ مان هٿ نہ آيو آهي. قاضي احمد شهر جو رهواسي حافظ نعمان صديقي جو ذهني توازن صحيح نہ هو ۽ پنج ڏينهن اڳ گهر ڇڏي ويو هو. وارثن موجب قطري جامع جو نوجوان حافظ نعمان بحريا ٽائون نوابشاهہ وٽ روهڙي ڪئنال جي ڪناري تي بيٺو هو تہ هن ٽپو ڏئي خودڪشي ڪري ڇڏي ۽ ڏاڪڻ تان هيٺ لٿو هو تہ نوجوان جو پير ترڪڻ سبب واهہ ۾ ٻڏي ويو جڏهن تہ پنجن ڏينهن کان وارثن پاران نوجوان جي لاش جي ڳولا جاري آهي پر لاش هٿ نہ اچي سگهيو. ميڊيا سان ڳالهائيندي هن چيو تہ پنجن ڏينهن ۾ رڳو هڪ سرڪاري غوطہ خور آيو باقي انتظاميہ ۽ چونڊيل نمائندا ڳولا ۾ ڪابہ مدد نہ ڪئي. هنن لاش جي ڳولا ڪرائڻ ۾ انتظاميہ ۽ وس وارن کان مدد ڪرڻ جي اپيل پڻ ڪئي آهي. جڏهن تہ وارث پنهنجي مدد پاڻ لاش ڳولا ڪرڻ ۾ مصروف آهن

بقايا 40

وزير عبدالقادر پٽيل ان حوالي سان ٻڌايو تہ 13 کان 17 فيبروري تائين 9 ضلعن ۾ خاص پوليو مهم هلائي ويندي. هن چيو تہ ملڪ جي 30 ضلعن ۾ پوليو خلاف جزوي مهم هلائي ويندي. پنجاب جي 2 ضلعن لاهور ۽ فيصل آباد ۾ بہ مجموعي مهم هلائي ويندي. عبدالقادر پٽيل وڌيڪ ٻڌايو تہ ڏکڻ خيبرپختونخواهہ جي 7 ضلعن ۾ پوليو خلاف مهم هلائي ويندي، جن ۾ بنون، ڊي آءِ خان، ٽانڪ، لڪي مروت، اتر وزيرستان، اپر ۽ لوئر ڏکڻ وزيرستان شامل آهن. صحت واري وفاقي وزير عبدالقادر پٽيل جو بہ چوڻ آهي تہ ملڪ مان پوليو جي خاتمي لاءِ والدين جو تعاون تمام ضروري آهي

بقايا 01

ڪئي ويندي. ذريعن جو چوڻ آهي تہ نامزد اميدوارن سان مشاورت ڪانپوءِ نندي چونڊ ۾ حصو وٺڻ يا نہ وٺڻ بابت فيصلو ڪيو ويندو. ياد رهي تہ هڪ ڏينهن اڳ پيپلزپارٽي قيادت سان پي ڊي ايم اڳواڻن جي ورچوئل ميٽنگ ٿي هئي، جنهن ۾ پي ڊي ايم اڳواڻن پ پ کي نندي چونڊ ۾ حصو نہ وٺڻ جي تجويز پيش ڪئي هئي.

بقايا 02

فوج جي منظم حمايت حاصل رهي، باجوا طرفان ڪجهہ وڏن ڌوهارين جي حمايت سبب مسئلا پيدا ٿيا. باجوا چاهيو تہ پي ٽي آءِ حڪومت چورن جي ڪرپشن معاف ڪري ۽ انهن سان گڏجي ڪم ڪري. هن چيو تہ نئين عسڪري قيادت ۾ تاثر آهي تہ رجيم چينج آپريشن ناڪام ٿي چڪو. باجوا جا شهباز شريف سان ويجها لاڳاپا هئا. انهن لاڳاپن جي نتيجي ۾ رجيم چينج آپريشن جو رستو کليو. عوام جي چونڊيل حڪومت وٽ ذميواري سان گڏ اختيار بہ هجڻ گهرجن. اختيار آرمي چيف وٽ هجن ۽ ذميواري وزيراعظم وٽ تہ نظام نٿو هلي سگهي. سنڌس وڌيڪ چوڻ هو تہ هن وقت پاڪستان دهشتگردي خلاف هڪ ٻي جنگ برداشت نٿو ڪري سگهي. نئين حڪومت جي غفلت سبب دهشتگردي هڪ ڀيرو ٻيهر ڪر کنيو آهي. عالمي لاڳاپا ذاتي انا نہ پر ملڪي مفادن تحت هجڻ گهرجن. پاڪستان جي ماڻهن جو مفاد ان ۾ آهي تہ اسان جا آمريڪا سان بهترين واپاري لاڳاپا هجن.

بقايا 03

وزير عبدالقادر پٽيل ان حوالي سان ٻڌايو تہ 13 کان 17 فيبروري تائين 9 ضلعن ۾ خاص پوليو مهم هلائي ويندي. هن چيو تہ ملڪ جي 30 ضلعن ۾ پوليو خلاف جزوي مهم هلائي ويندي. پنجاب جي 2 ضلعن لاهور ۽ فيصل آباد ۾ بہ مجموعي مهم هلائي ويندي. عبدالقادر پٽيل وڌيڪ ٻڌايو تہ ڏکڻ خيبرپختونخواهہ جي 7 ضلعن ۾ پوليو خلاف مهم هلائي ويندي، جن ۾ بنون، ڊي آءِ خان، ٽانڪ، لڪي مروت، اتر وزيرستان، اپر ۽ لوئر ڏکڻ وزيرستان شامل آهن. صحت واري وفاقي وزير عبدالقادر پٽيل جو بہ چوڻ آهي تہ ملڪ مان پوليو جي خاتمي لاءِ والدين جو تعاون تمام ضروري آهي.

بقايا 04

رهيا آهيون. ميان صاحب جي موجود نہ هجڻ سان جماعت جي ڪارڪردگي متاثر ٿي رهي آهي. هن چيو تہ مون تي لڳايل الزام ڪٿي آهن؟ مون کي نااهل ڪيو ويو پر مان اهل ٿي ويس. هفتي ۾ 6 ڏينهن اسان جي نيب ۾ پيشي هوندي هئي پر انهن جي پيشي تي پلاسٽر واري تصويرا ڇپجي ويندي آهي. انهن کي ويل چيئر تي عدالت ۾ پيش ٿيڻ گهرجي. سنڌس چوڻ هو تہ عمران خان لاءِ هڪ پاسي جنرل فيض ۽ ٻئي پاسي بابا رحمت لڳل هو عدليا بہ ڪيس کليل ڇوٽ ڏئي رهي آهي. عمران خان سان هڪڙو ۽ اسان سان ٻيو رويو اختيار ڪيو ويو. آءِ ايم ايف سان اسان ڪو معاهدو نہ ڪيو عمران خان جي پچڪڙي سبب شرط وڌيڪ سخت ٿي ويا. شرط پورا نہ ڪنداسين تہ ڊيفالٽ ٿي ويندا سين ۽ ڪڻي جي خواهش آهي تہ ملڪ جو ڏيوالو نڪري وڃي. مريم نواز وڌيڪ چيو تہ شاهد خاقان عباسي پاڻ وضاحت ڪري ڇڏي آهي. هو ڪاوڙيل ناهي. 30 سالن کان منهنجي پيءُ سان گڏ هلي رهيو آهي. جيڪڏهن شاهد خاقان عباسي

منهنجي حوصلا افزائي ڪندو تہ سني ڳالهہ آهي. چونڊ مهم جي نگراني نواز شريف پاڻ ڪندو، چونڊ مهم رڳو نواز شريف ئي هلائي سگهي ٿو

بقايا 05

. عمران خان غير سياسي دماغ آهي ، اعلان ڀهريان ڪندو آهي سوچيندو پوءِ آهي. هن چيو تہ جيڪڏهن عمران خان ۾ همت آهي تہ سڀ کان پهرين هو پاڻ پنهنجي گرفتاري پيش ڪري، هن چيو تہ عمران خان کي سنڌ ۾ گرفتاري پيش ڪرڻ جي آڇ ڪريان ٿو لانڍي جيل ۾ هن جي خوب خاطر تواضع ڪندا سين. شرجيل انعام ميمڻ وڌيڪ چيو تہ عمران خان ۽ سنڌس ساٿي جيل ڀريو تحريڪ نہ پر جيب ڀرو تحريڪ جا ماهر آهن. هن چيو تہ ڪٽڪ، دوائن، تيل ۽ کنڊ اسڪينڊلز مان عمران خان ۽ هن جي گوگن ۽ گوگين پنهنجا کيسا ڀريا. عمران خان نيازي شوڪت خانم جيتي چندي جي رقم بہ نہ ڇڏي. هن چيو تہ عمران خان پاڻ عدالت ۾ اعتراف ڪيو آهي تہ شوڪت خانم اسپتال جي چندي مان 30 لک ڊالر سيڙپڪاري ۾ استعمال ڪيا ويا آهن. سنڌ جي سڌ سماءَ واري وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي تہ حد تہ اها آهي جو عمران خان چوي ٿو تہ چندي جي پيسن مان سيڙپ ڪرڻ جي ذمہ واري شوڪت خانم ٽرسٽ جي بورڊ آف ڊائريڪٽر تي عائد ٿئي ٿي. هن چيو تہ اڄ ملڪ جنهن صورتحال تي پهتل آهي ان جو ذميوار پيو ڪو بہ نہ پر عمران خان آهي. هن پنهنجي ڇئن سالن جو دور پاڪستان جي مسئلن تي ڌيان ڏيڻ بدران مخالفن کي نشانو بڻائڻ تي وڃايو. سنڌ جي اطلاعات واري وزير چيو تہ آئي ايم ايف سان معاهدا عمران خان ڪيا ، جنهن تي هن يوٽرن ورتو. هن چيو تہ موجوده اتحادي حڪومت عمران خان جي آءِ ايم ايف سان معاهدن تي عملدرآمد ڪرائي رهي آهي. هن چيو تہ عمران خان اڄ بہ لاڏلو بڻيل آهي. عدالتن ۾ هن خلاف اوپن اينڊ شٽ ڪيس موجود آهن. ان تي ميرٽ تي فيصلا ٿيا تہ عمران خان ۽ سنڌس سمورو ٽبر نااهل ٿي ويندو

بقايا 06

لاهور ۾ نجي ٽي وي چينل سان ڳالهائيندي شاهد خاقان عباسي اڳوڻي وزيراعظم نواز شريف کي پنهنجو قائد قرار ڏنو ۽ چيو تہ چونڊ ن ليگ جي ٽڪيٽ تي ئي وڙهندس هن چيو تہ ن ليگ سان ورهين جي وفاداري آهي، نئين پارٽي نٿو ٺاهيان. اهي سڀ افواهہ آهن.

بقايا 07

اهم اجلاس طلب ڪري ورتو اليڪشن ڪميشن جو اهم اجلاس سومر 13 فيبروري تي 11 وڳي مرڪزي سيڪريٽريٽ ۾ ٿيندو. چيف اليڪشن ڪمشنر اهم اجلاس لاهور هاءِ ڪورٽ جي فيصلي جي روشني ۾ طلب ڪيو آهي جنهن ۾ لاهور هاءِ ڪورٽ جي حڪم تي لاڳو عمل تي غور ڪيو ويندو ياد رهي تہ لاهور هاءِ ڪورٽ گذريل ڏينهن اليڪشن ڪميشن کي عام چونڊن جي تاريخ جي اعلان جو حڪم ڏنو هو

بقايا 08

ناقص اڏاوت ۾ ملوث ماڻهن جا گرفتاري وارنٽ جاري ڪري ڇڏيا آهن. جڏهن تہ 12 ڄڻن کي حراست ۾ ورتو ويو آهي. خبرو اداري موجب ترڪي ۾ زلزلي سبب 6 هزار عمارتون تباهہ ٿي ويون آهن. جڏهن تہ هزارين ماڻهو زخمي ٿي پيا آهن. صحت جي عالمي اداري جو چوڻ آهي تہ ٻنهي ملڪن ۾ 26 لک ماڻهو

بقايا سنڌيار 01

ڪنيبل نوجوان کي آزاد ڪرڻ جو مطالبو جيئي سنڌ محاذ جي ضلع صدر عرفان ڏاهري عالم بالادي نعمان ٻبر جي اڳواڻي ۾ احتجاج اڳواڻ جسم هائوس کان پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي قومي ڪارڪن جي آزادي جا نعرا هنيا هنن چيو ته پوليس ۽ رياستي ادارن قومي ڪارڪنن خلاف رڻ ٻاري ڏنو آهي بلاجواز سنڌ جي نوجوانن کي ڪنهن گم ڪري رهي آهي هنن چيو ته فوري طور ڪنيبل نوجوان ماجد حيدري کي آزاد ڪيو وڃي نه ته ٻي صورت ۾ پوري سنڌ اندر سخت احتجاج ڪيا ويندا.

بقايا سنڌيار 02

منتقل خبر موجب ٽنڊو ڪوٽ پرسان ڳوٺ ڦوٽو پيل ۾ زمين جي پراڻي تڪرار تان پيل برادري ۽ چانديا برادري وچم جهيڙو ٿي پيو جهيڙي دوران فائرنگ جي نتيجي ۾ هڪ ڄڻو خميسو چانڊيو زخمي ٿي پيو جنهن کي علائقي واسين جي اطلاع تي وجهو پوليس واقعي واري هنڌ پهچي علاج لاءِ ملي اسپتال منتقل ڪيو زخمي خميسو چانڊيو ٻڌايو ته دودي پيل سميت ٽن ڄڻن گڏجي مون تي حملو ڪري زخمي ڪيو آهي هن ٿرپارڪر پوليس کان مطالبو ڪيو ته جوابدارن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي.

بقايا سنڌيار 03

چيو آهي ته منهنجو پنهنجي ڳوٺاڻن عزيزن سان ڪوبه تعلق نه آهي آئون ڪافي عرصي کان ٽنڊو محمد خان شهر ۾ رهندو آهيان منهنجي والد سيد هاشم شاهه شيرازي جنهن منهنجي ڀاءُ سيد جلال محمود شاهه شيرازي کي لاتعلقي ڪيو آهي پر هن سان گڏ هن مونکي ڪي پڻ لاتعلقي واري بيان ۾ ڄاڻايو آهي آئون ڪيتري ٿي عرصي کان سائنسن گڏ نه آهي منهنجو منهنجي مائٽن عزيزن ۽ ڳوٺاڻن سان ڪوبه تعلق نه آهي آئون محنت مزدوري ڪري پنهنجو گذرسفر ٽنڊو محمد خان شهر اندر ۾ ڪري رهيو آهيان توسان انصاف ڪيو وڃي.

بقايا سنڌيار 04

شيخ کي يرغمال بنائي ڪانٽنس 20 لک روپيه روڪ رقم ۽ هڪ موبائل فون ڦر ڪري فرار ٿي ويا. جهرڪ ٿاڻي تي رپورٽ درج ڪرائڻ باوجود پوليس ڪا به ڪاروائي عمل ۾ اڻي ناهي سگهي، ياد رهي ته جهرڪ ۽ ان جي آسپاس ۾ چورين ۽ ڦرن جي وارداتن ۾ اضافو ٿيڻ ڪري عوسم ڦرجڻ روز جو معمول بڻجي ويو آهي، پر حد جي پوليس ننڊ ستل آهي، جيڪا ڌوهارين خلاف ڪا به ڪاروائي ڪرڻ لاءِ تيار ناهي. ڦرجي ويل عبدالحميد شيخ ايس ايس پي ٺٽو کان مطالبو ڪيو آهي ته ڦورن ڪانٽنس ڦر ڪيل رقم ۽ قيمتي موبائل فون واپس ڪرائي ڌوهارين خلاف سخت ڪاروايون ڪري عوام کي تحفظ مهيا ڪيو وڃي.

بقايا سنڌيار 05

ٻين جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ کان لنوائي رهي آهي گرفتاري عمل ۾ نه آئي ته احتجاج ڪيو ويندو. واپڊا ملازم خبر موجب ٽنڊو ڪوٽ جي واپڊا ملازم تي مبينا حملي واري واقعي جو ٿرپارڪر جي وجهو پوليس ٿاڻي تي پنج ڄڻن تي واپڊا ملازم حميد نهڙيو جي فرياد تي ڊيوٽي ۾ رخنو وجهڻ ۽ حملو ڪرڻ جو ڪيس داخل ڪيو ويو آهي ڪيس ۾ سليم چانڊيو غمشاد چانڊيو دوست علي چانڊيو دلشاد چانڊيو ۽ شمشاد چانڊيو نامزد ڄاڻايا ويا آهن. ان سلسلي ۾ زخمي حميد نهڙيو ٻڌايو ته منشيات فروشن مون کي حملو ڪري زخمي ڪيو ٻيهر مختلف طريقن سان ڌمڪائي رهيا آهن پر پوليس جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ کان لنوائي رهي آهي جڏهن ته جوابدارن کي سياسي سپورٽ هئڻ ڪري سرعام شهر ۽ آس پاس گهمي رهيا آهن. هن چيو اگر پوليس جوابدارن کي گرفتار نه ڪيو ته ٿرپارڪر پوليس خلاف احتجاج ڪيو ويندو.

بقايا سنڌيار 06

خاصخيلي ۽ ٻين پارن احتجاج ڪيو ويو. ان موقعي تي اڳواڻن چيو ته ٽنڊو ڪوٽ ۽ پرياسي اٽو 150 رپيا ڪلو ملي رهيو آهي عوام ٻن ويلن جي ماني لاءِ پريشان آهي، حڪمران کي عوام جي درد نٿا سمجهن، سڄي سنڌ ۾ اٽي جو اگهه غريب عوام جي پهچ کان مٿي آهي. مهانگائي تي ڪنٽرول نه ڪيو ويو ته ماڻهو خودڪشيون ڪندا. هنن مطالبو ڪيو مهانگائي تي ڪنٽرول نه ڪري غريب عوام کي رليف ڏنو وڃي

بقايا سنڌيار 07

رقم موبائل فون ۽ ٻيو قيمتي سامان چوري ڪري فرار ٿي ويا جنهن جي رپورٽ بدين ٿا تي داخل ڪئي وئي آهي

بقايا سنڌيار 08

هٿي عيش عشرت واري زندگي گذاري رهيا آهن. حڪومت ذخيرا اندوز ڪمپنين سان ملي هر شي جي اگهن ۾ سؤ فيصد اضافو ڪري رهي آهي، جڏهن ته مزدور ۽ ڏهاڙي دار طبقي جي اجرت وڌائڻ لاءِ حڪومت تيار ناهي جنهن ڪري عوام جي مشڪلاتن ۾ ڏينهون ڏينهن اضافو ٿي رهيو آهي. هن ڳاٽي ٽوڙ مهانگائي ۾ غريب ماڻهو گهر جو ڪرايو ادا ڪري، بجلي جو بل ڀري راشن وٺي، يا ٻارن جي فيس ادا ڪري حڪمرانن جي ڪرپشن، ناڪام ۽ غلط پاليسين سبب ملڪ جو ٻيڙو غرق ٿي ويو آهي. غريب ماڻهو غربت کان تنگ اچي خود ڪشيون ڪرڻ تي مجبور آهن، ٻي طرف حڪمران ۽ انهن جا چاڙتا مهانگي گهرن ۾ مفت جي گئس بجلي پيٽرول ۽ ٻيو غير قانوني مراعتون حاصل ڪري رهيا آهن اگر ڪو غريب ماڻهو پنهنجي جائز ڪم لاءِ انهن وٽ وڃي ٿو ته هي ان جي مذاق اڏائي تذليل ڪن ٿا يا تارا ڏيکاري ڏيڄارين ٿا جيڪو نهايت افسوس ناڪ عمل آهي، اسان وٽ طبقاتي سسٽم پنهنجي عروج تي پهتل آهي، جتي امير ماڻهو غريب ماڻهو سان هٿ ملائڻ کي به پنهنجي توهين سمجهي ٿو غريب تي حڪم هلائڻ کي پنهنجو قدرتي حق سمجهي انهن تي ظلم ۽ زيادتي ڪري ٿو جنهن ڪري عوام انهن کان مڪمل طور تي مايوس ٿي چڪو آهي، هاڻي سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته بک، بيروزگاري ۽ بدامني جي اونڌاهين ۾ ڌڪيل مسڪينن جي مدد آخر ڪير ڪندو آخر عوام کي رليف ڪير ڏيندو! ڇا اسلامي جمهوريا پاڪستان جي غريب عوام جي فرياد ۽ پريشاني جو حل ڪنهن وٽ آهي؟؟؟؟

بقايا سنڌيار 09

جي 15هين ورسي ملهائي وئي ورسي تقريب شهيد شاهجهان قريشي جي گهر اندر ملهائي وئي، ورسي تقريب ۾ پ پ پ اڳواڻن. سول سوسائٽي جي نمائندن. شاعرن. اديبن. شهيد جي وارثن لالا عبدالستار قريشي، محمد اسلم قريشي ،شاهه رخ قريشي ،پ پ اڳواڻ غلام شبير ابڙو پروفيسر محمد عرفان ڪلهوڙو ،پروفيسر عبدالجبار ملاح، پروفيسر ممتاز قمبراڻي ،ساجد مستوئي، انور ڪانڌڙو،تابش بخاري ،خليل عارف ،عمران سومرو ،عاشق دادوي، عبدالشڪور چارڻ ،اعظم چڪو ،نظام شيخ ،فدوي چانڊيو

،شاهزيب قريشي ،رفيق جمالي ،آصف چارڻ ،سجاد يوسف ،راهب جمالي ،شعيب ٽيپو ،ڏکي دائود سومرو ،شهريار قريشي ،امير بخش قريشي ،جاني ڪوريجو قاضي مسعود سميت وڏي انگ ۾ شهرين شرڪت ڪئي، ورسي تقريب ۾ اڳواڻن شهيد شاهجهان قريشي کي لفظن جي ڀيٽا پيش ڪندي چيو ته پيپلز پارٽي جي تاريخ شهيدن ۽ شهادت سان ڀري پئي آهي پٽو خاندان عوام لاءِ پنهنجي جانين جو قربانيون ڏنيون دادو جي معصوم شاگرد جيئي پٽو جو نعرو هڻڻ تان شهادت جو جام پيتو آهي شهيد زنده هوندا آهن هن معصوم جو خون رائيگان نه ويندو هنن چيو ته 2008 جي اليڪشن دوران 8هين ڪلاس جي شاگرد شاهجهان قريشي اليڪشن مهم دوران جئي پٽو جو نعرو هڻڻ تان ڪين شهيد ڪيو ويو هو. شاهجهان کي شهيد ڪندڙ پهلي قانون کان آجا هجن پر الله جي عدالت ۾ ڪين شهيد شاهجهان قريشي کي ضرور انصاف ملندو. شهيد شاهجهان قريشي جي والد لالا عبدالستار قريشي چيو ته پيپلزپارٽي شهيدن جي پارٽي آهي شهيد شاهجهان قريشي جمهوريت جو پهريون معصوم شهيد آهي هن چيو ته منهنجي پٽ کي شهيد ٿيندي 15 سال گذري ويا ۽ پيپلزپارٽي 15 سالن کان اقتدار ۾ هوندي شهيدن جي سار نه لڌي آهي پارٽي جي ايم اين ايز ۽ ايم پي ايز ۽ وزيرن وٽ شهيدن جي وارثن لاءِ 5 منٽ نه آهن هن وقت تائين شهيدن جي وارثن جي اولاد لاءِ نه ڪا نوڪري آهي نه ئي ڪا مفت تعليم جي سهولت آهي اسان مختلف وقتن تي پنهنجي جائز مسئلن لاءِ احتجاج پڻ رڪارڊ ڪرايا پر ڪنهن به نوٽيس نه ورتو ان تي اسين شهيد جا وارث ڏکارا آهيون حالت اها آهي ته شهيدن جي ورسي لاءِ مليل ضلع ڪائونسل هال به اسان کي نه ڏنو ويو اهو به ڏڪ جي پکين حوالي ڪيو ويو پيپلزپارٽي جا وزير ۽ ايم اين ايز ،ايم پي ايز شهيدن جي وارثن جا مجرم آهن انهن زيادتيون ڪڍهن به وسري نٿيون سگهن ورسي تقريب ۾ آيل مهمان کي شهيد شاهجهان قريشي يادگار ڪاميٽي طرفان نئين سال جا ڪليڊر شهيدن جي ورسي جي مناسبت سان تيار ڪيل تحفي طور ڏنا جڏهن ته ان موقعي تي شاعرن پاران شاعري پيش ڪري شهيد کي ڀيٽا پيش ڪئي وئي.

بقايا سنڌيار 10

سميت ائن ڄڻن جي گهرن کي باهه لڳڻ سبب گهر جو الهه تلهه سڙي رک ٿي ويو باهه متاثرن جو گهر ۾ پيل هنڌ بسترا، اٽو روڪ رقم سميت سمورو الهه تلهه سڙي وڃڻ ڪري ٻڌي سي گهوٽڪي سميت وس وارن کان مدد جي اپيل ڪئي آهي.

بقايا سنڌيار 11

ريلي جي اڳواڻي مرڪزي ڊپٽي جنرل سيڪريٽري عنايت الله لاشاري، محمد پناهه ٽونيو خالد حسين چانڊيو شعيب چٽو عبدالحڪيم پٽو ۽ ٻين ڪئي. سنڌ ۾ قانون نالي ڪا شيءِ ڪٿي نظر نه پئي اچي لاقانونيت جو راڄ قائم آهي /عنايت الله لاشاري مهانگائي جو طوفان برپا ڪري غريب ماڻهن کان جياپي جو حق کسيو پيو وڃي / سماجي ورڪر نياز حيدري خبر موجب : واره ۾ قمبر ضلعي جي اڳواڻ علي اڪبر خاصخيلي تي ڪوڙي ڪيس خلاف قومي عوامي تحريڪ طرفان عوامي هائوس کان احتجاجي ريلي ڪڍي وئي ريلي واره شهر جي مختلف بازارن کان ٿيندي شهيد فاضل راهو چونڪ تي جلسي جي صورت اختيار ڪئي جتي احتجاجي ريلي ۽ ڌرڻي کي اڳواڻن ۽ سماجي ورڪرن خطاب ڪندي چيو ته سنڌ ۾ ناقص ۽ نااهل حڪمراني سالن کان ڪوڙ، ٺڳي ۽ بدنيتي جي بنيادن تي موجود آهي جنهن جي ڪري پوري سنڌ مسئلن ۾ وڪوڙيل آهي، هڪ طرف مهانگائي جو طوفان برپا ڪري غريب ماڻهن کان جياپي جو حق کسيو پيو وڃي ته ٻئي طرف بدامني، ڪرپشن ،لاقانونيت جو راڄ موجود آهي ، سنڌ ۾ قانون نالي ڪا شيءِ ڪٿي نظر نه پئي اچي، سنڌ جي عوام کي ڌوهارين ، ڀوتارن ، لٽ سردارن جي رحم و ڪرم تي ڇڏيو ويو آهي،چورين، ڦرين،قتل غارات جا واقعا عروج تي آهن سنڌ سميت هر ضلعي جي ننڍن وڏن شهرن ۾ پوريهت طبقي جو جيئڻ جنجال ٿي ويو آهي . هنن چيو آهي علي اڪبر خاصخيلي تان ڪوڙو ڪيس ختم ڪري ڪيس انصاف ڏنو وڃي. قومي عوامي تحريڪ سنڌ جي ماڻهن جي حقن لاءِ جاکوڙي رهي آهي شهرين کي قانوني، آئيني ۽ انساني حق ڏيارڻ چاهي ٿي

بقايا سنڌيار 12

ذهني مريض نوجوان پاران پنهنجي ئي برادري جي ماڻهن جي گهرن کي ڏنل باهه سبب ٻن بيواهه عورتن سومري زال الهڏنو ملاح، مسمات بچائي زال حاجي ملاح ۽ الهبچايو ملاح جا ٽي گهر سڙي رک ٿي ويا. گهرن ۾ پيل بسترا، ڪتون ۽ ٻيو گهرو سامان سڙي رک ٿي ويو جڏهن ته باهه واقعي جو ٽائون ڪميٽي ٽنڊو باگو انتظاميه کي بروقت اطلاع ڏنو ويو واضح رهيو ته فائر برگيڊ گاڏي ٻن سالن کان خراب هئڻ ڪري ٽنڊو باگو پوليس پاران بدين مان فائر برگيڊ گاڏي گهرائي وئي جيڪا دير سان پهچڻ ڪري ٽئي گهرن ۾ پيل سمورو قيمتي سامان سڙي رک ٿي ويو گهر سڙي وڃڻ ڪري متاثر ڪليل آسمان هيٺ ويٺل آهن متاثرن ڊپٽي ڪمشنر بدين ۽ ٻين وس وارن کان مطالبو ڪندي گهر ڪئي ته اسان جي واهر ڪئي وڃي.

بقايا سنڌيار 13

آهي ، جيڪو هاڻي عوام برداشت ڪري رهي آهي ، ملڪ ۾ معاشي بحران لاءِ آئي ايم ايف سان ڪيل معاهدن تحت اجان تحت به وڌيڪ مهانگائي جو زهر ملڪ جي خوشحالي سلامتي لاءِ عوام کي صبر تحمل سان برداشت ڪرڻو پوندو، ملڪ جي عظيم تر مفادن لاءِ آئي ايم ايف جي شرطن تي عمل شروع ٿيڻ سان ڪجهه مشڪلات ڪي منهن ڏيڻ هاڻي قومي ذميواري بڻجي وئي آهي ، ملڪ جي ترقي خوشحالي لاءِ عوام کي مهانگائي جي وڌيڪ طوفان کان بچائڻ لاءِ وفاقي حڪومت جلد بهتري آڻڻ جي پڻ عملي اقتدام وٺي رهي آهي ، هن چيو ته ملڪ ۾ ڪوبه آئيني بحران پيدا نه ٿيو آهي عمران خان پاڻ جيل ڀريو تحريڪ جا اعلان ڪري يوٽرن ورتو آهي ، پي ٽي آئي جي قومي اسيمبلين مان ڏنل استعيفائن کان پوءِ ضمني چونڊن ۾ حصوونڻ جو فيصلو پوري ملڪ جي عوام لاءِ سمجهه کان ٻاهر آهي ، عمران خان هاڻي قومي مثبت سياست جي بجاءِ صرف قومي ادارن تي الزام تراشي ڪرڻ تائين پاڻ کي محدود ڪري ڇڏيو آهي ، هن چيو ته وفاقي حڪومت پنهنجو مدو پورو ڪندي ، عمران خان سياست ۾ مڪمل ناڪام ٿي چڪو آهي ، الزام تراشي کان علاوه عمران خان وٽ هاڻي سياست ۾ ٻيو ڪجهه به ناهي رهيو ، جڏهن ته وفاقي وزير سيد نويد قمر پاران لا ڪاليج ، ڏنڊي ۾ روڊ سميت مختلف اسڪيمن جو افتتاح پڻ ڪيو.

بقايا سنڌيار 14

حامد سنڌي جي اڳواڻي ۾ پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪري مطالبن جي مڃتا لاءِ سخت نعريبازي ڪئي وئي احتجاجي مظاهري کي خطاب ڪندي اڳواڻن چيو ته سنڌ ۾ هٿ وٺي لاقانونيت جو راڄ قام ڪيو ويو آهي سنڌ سان محبت جي ڏوهه ۾ ماجد حيدري سميت ڪيترن ئي قومي سياسي ڪارڪن کي جبري ڪنهن گم ڪري انساني حقن جي سنگين ڀڃڪڙي ڪئي وئي آهي هنن چيو ته ٻي طرف سنڌ قدرت طرفان مالا مال هجڻ باوجود حڪمران طبقي جي ڪرپشن ۽ نااهلي سبب سنڌ جي ماڻهن کي هئرادو مهانگائي جي عذاب ۾ مبتلا ڪري ٻ ويلا ماني کان وارو حق به کسيندي سڄي سنڌ کي بک بدحالي ۽ بيروزگاري جي ور چاڙهيو ويو آهي هنن چيو ته سنڌ سان ايتري سنگين نا انصافي ڏاڍ ۽ ٿيندڙ جبر جو انساني حقن جا ادارا فوري طور نوٽيس وٺن.

بقايا سنڌيار 15

روڪ رقم ۽ ٻيو سامان ڦر ڪري فرار ٿي رهيا هئا ته بروقت پهتل ڳوٺاڻن سندن پيڇو ڪري لاڪپور هائي اسڪول وٽ مقابلي بعد هڪ ڦورو کي هٿيار سميت سوگهو ڪري ورتو جڏهن ته ڦورو فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا، گرفتار ڦورو جي سڃاڻپ ڳوٺ روحل لاشاري واسي قاسم لاشاري طور ٿي آهي، ان سلسلي ۾ دڙو پوليس جي ايس ايڇ او اختر حسين ڪٽپر پريس ڪلب دڙو جي صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته گرفتار ڦورو ۽ سندس فرار ٿيل ساٿي علائقي ۾ دهشت جي علامت بڻيل هئا، روزانو ڦورن جي ٿيندڙ وارداتن سبب عوام سخت پريشان هو هن چيو ته گرفتار ڦورو ۽ سندس ساٿين خلاف ڪيس داخل ڪري ڦورو جي نشاندهي تي فرار ٿيل سندس ٻين جوابدار ساٿين جي گرفتاري لاءِ بهتر حڪمت عملي جوڙي رهيا آهيون. انشا جوابدار جلد قانون جي گرفت ۾ هوندا.

بقايا سنڌيار 16

ڳوٺاڻا سافڪو ڪمپني جي بيڏياني نااهلي سبب اڄ ب ٽرجي اهڙن ڪافي سارن علائقن ۾ پلانٽ جي نظرثاني نه ٿيڻ جي صورت ۾ ماڻهون توڙي مال پاڻي جي قطري قطري لاءِ تڙپن ٿا ۽ وڏي مشڪلات واري زندگي گذارن ٿا ٻن مهينن کان آفيسن جا چڪر ڏيئي ٿڪجي پيو آهيان ڪير ٻڌڻ وارو ڪونهي 'منيش ميگهواڙ' اڄايو آسرن ۾ رلايو پيو وڃي ڪير نيت سان ڪم ڪرڻ لاءِ تيار ڪونهي،. آپريٽر پاڻي جي هڪ ڦڙي لاءِ پريشان آهيون پوري ڳوٺ ۾ مال اڃون ڪٽي رهيو آهي ٽي ٽي ڏينهن تي وڃن تا مال کي پاڻي ڪون تو ملي ڏوران علائقن ڏانهن پاڻي ڪٺي اڃڻ مشڪل ٿي ويو آهي... ڳوٺاڻا اسين سرنڊي وارن کي چونڊيل نمائيندي ايم اين اي نواب يوسف ٽالپر ۽ ايم پي اي امير علي شاهه ڪارڙو ڊي سي عمرڪوٽ کي التجا ٿا ڪريون ت اسانجي ڳوٺ ۾ ڏنل آر او پلانٽ جي مرمت ڪري پاڻي جي سهولت ميثر ڪئي وڃي ت اسانجو جياپو آسان ٿي سگهي... ڳوٺاڻا

بقايا سنڌيار 17

الزام هيٺ آيل 65 ورهين جو رازو خاصخيلي کي گهارو پوليس گرفتار ڪري ورتو ،ڪيس داخل جوابدار گرفتاري بعد ڏوهه جو اعتراف پڻ ڪري ورتو

بقايا سنڌيار 18

منشيات فروش علي لغاري انور لغاري حڪيم جت محبوب شاهه ۽ ٻين جي گرفتاري لاءِ انسان بچايو تحريڪ سنڌ جي سڏ تي سوين ڪارڪنن ۽ شهرين ماڻهن پريس ڪلب بلڙي شاهه ڪريم کان هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي مرڪزي چيئرمين چيئرمين شبير جمالي مرڪزي پريس ترجمان يعقوب جمالي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ پريس ڪلب بلڙي شاهه ڪريم کان شاندار ريلي ڪڍي منشيات فروشن ڊسٽرڪٽ مان زهريلي منشيات کي بند ڪيو ايس ايس پي ٽنڊو محمد خان هٽايو سي آئي انچارج ٽنڊو محمد خان هٽايو جا زوردار نعره انتظاميه خلاف ڇتي نعري بازي ڪئي وئي جڏهن ته شهيد بلو ڀنور چوڪ تي مظاهري کي خطاب ڪندي انسان بچايو تحريڪ سنڌ جي مرڪزي چيئرمين شبير جمالي ۽ مرڪزي پريس ترجمان يعقوب جمالي چيو ته ضلعي ٽنڊو محمد خان ۾ منشيات مين پڙي گٽڪو زهريلي سوپاري چرس آفيم ۽ آئيس خاص طور تي مين پڙي جو وڪرو ضلعي جي ننڍن وڏن شهرن رات ڏينهن هلندڙ آهي جنهن جي وڪري جي ڪروڙن جي مبينا منٿلي عيوض سي آئي انچارج شريف ڪوسو ۽ ايس ايس پي ٽنڊو محمد خان غلام نبي ڪيريو موڪل ڏئي ڇڏي آهي مين پڙي واپرائڻ سبب ڊسٽرڪٽ ٽنڊو محمد خان اندر ڪينسر جا ڪيترائي ڪيس روزاني جي بنياد تي ظاهر ٿي رهيا آهن جيڪو افسوسناڪ عمل آهي اسان وزيراعلي سنڌ سيد مراد علي شاهه آئي جي سنڌ غلام نبي ميمڻ ڊي آئي جي حيدرآباد سيد پير محمد شاهه ڊي جي رينجرس ۽ قانون نافذ ڪندڙ ادارن کان مطالبو ٿا ڪيون ته ضلعي اندر سرعام منشيات وڪرو ڪندڙ نذير گدي علي لغاري حڪيم جت محبوب شاهه ۽ ٻين جي اڏن تي ڇاپا هڻي ڪين گرفتار ڪيو وڃي ۽ سندن پشت پناهي ڪندڙ سي آئي انچارج ٽنڊو محمد خان شريف ڪوسو سندس ٽيم ۽ ايس ايس پي ٽنڊو محمد خان کي هٽايو وڃي ٻي صورت تمام جلد ڊي آئي جي حيدرآباد آفيس آڏو احتجاجي ڌرڻون هنيون وينديون.

بقايا سنڌيار 19

لاءِ ورڪشاپ ڪونايو ويو ورڪشاپ ۾ ڪراچي سميت سکر، حيدرآباد ۽ ٻين شهرن مان به ڊاڪٽرن شرڪت ڪئي ان موقعي تي ڊاڪٽر جميل. ڊاڪٽر ارشد. ڊاڪٽر مختيار پٽو. ڊاڪٽر علي حيدر _ ڊاڪٽر مهيوش ڊاڪٽر سانيا امتياز ۽ ٻين چيو ته ڊاڪٽرن جو ڪم صرف مريضن کي دوا لکي ڏيڻ ناهي ان سان گڏ مريض سان ڪلي ڳالهائڻ عبادت به آهي ۽ سندس اڌ بيماري ختم به ٿي ويندي آهي وڌيڪ ڊاڪٽرن چيو ته ڊاڪٽر صرف مريضن لاءِ هيلو ويسلو آهي باقي شفا ڏيڻ الله پاڪ جي وس ۾ آهي آخر ۾ ورڪشاپ ۾ موجود ڊاڪٽرن چيو ته اهڙا ورڪشاپ ٿيڻ گهرجن جنهن ۾ ڊاڪٽرن کي مريضن سان کهڙي ريت ملڻ ۽ انهن جي بيمارين کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪن ورڪشاپ جي آخر ۾ ڊاڪٽرن کي شيلڊ ڏنا ويا

بقايا سنڌيار 20

مارچ ۾ ڪارڪنن جي وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، ان موقعي تي جسقم چيئرمين صنعان خان قريشي خطاب ڪندي چيو ته پ پ جي حڪمرانن سنڌ کي تباهه ڪري ڇڏيو آهي اڄ به هزارين برسات متاثر ماڻهو بحالي لاءِ دربدر آهن پر انهن کي بحال نه ڪيو ويو. برسات متاثرن جي نالي تي ڪروڙين روپيا کاڌا ويا، جڏهن ته حڪمرانن جي ناڪام پاليسين سبب لکين ماڻهو بيروزگاري ۽ بدحالي جو شڪار آهن. مهانگائي ماڻهن کان گره به کسي ورتو آهي ۽ بک سبب شاهوڪار سنڌ جا ماڻهو بک وگهي مري رهيا آهن. پر حڪمران عياشيون ڪرڻ ۾ پورا آهن. هنن

چيو ته جديد آدمشماري سنڌين کي اقليت ۾ تبديل ڪرڻ جي سازش آهي جنهن کي اسان قبول نه ڪنداسين. چاڪاڻ ته سنڌ تي ڌارين آبادڪاري جي يلغار آهي لکين ڌاريا سنڌ ۾ آباد آهن. بحريا ٽائون ۾ لکين ڌاريا ماڻهو ترسايا ويا آهن هاڻي وري بحريا ٽائون به شروع ڪيو پيو وڃي سنڌ ۾ ڌارين جا وڏا شهر تعمير ٿي ويا آهن پر ملڪ رياض کان ڪير پڇڻ وارو ناهي ته اهي اربين روپين جا اثاثا ڪٿان ناهيا آهن. جسقم اڳواڻ امجد مهيسر خطاب ڪندي چيو ته سنڌ مان ڌارين کي نيڪالي ڏيڻ بعد آدمشماري ڪرائي وڃي جيڪڏهن ائين نه ڪيو ويو ته سنڌ جي ماڻهن جا جديدتل آدمشماري بابت خدشا ختم نه ٿيندا. هنن چيو ته بحريا ٽائون خلاف صرف جسقم بيني رهي باقي خبر ناهي ڪيڏانهن هليا ويا. هن چيو ته سنڌ ۾ هزارين برسات متاثر ڏکي زندگي گهاري رهيا آهن جن کي پ پ حڪومت بحال ڪرڻ ۾ مڪمل طور ناڪام ثابت ٿي آهي. جلسي کي اظهر سومرو، سرفراز ميمڻ، ديدار شاهه، مؤمن سمون، اشرف ڪلهوڙو، امتياز ڪوسو . امين ڪلهوڙو ـ عزيز پنهوار فريد لاشاري اسد عمراڻي جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي وئي آخر ۾ قرار منظور ڪندي مطالبو ڪيو ويو ته مختيارڪار اعجاز چانڊيو جي قاتلن کي گرفتار ڪيو وڃي.

بقايا سنڌيار 21

پريس جي دوستن کي منائي ڪارائي ان موقعي تي اڳواڻن چيو ته اسان ممبر سازي شروع ڪئي آهي انشاالله هن جنرل اليڪشن تحريڪ لبيڪ پاڪستان اليڪشن ۾ ڀرپور حصووٺندي تحريڪ لبيڪ پاڪستان واحد جماعت آهي جيڪا پاڪستان مان ڪرپشن جو خاتمو آڻي ملڪي حالات بهتر بڻائي ملڪي معيشت بچائي سگهي ٿي چيو ته موجوده حڪمران پاڪستان جي آئين ۽ قانون جي خلاف ورزي ڪري پنهنجا مفاد حاصل ڪري رهيا آهن عوام کي گهرجي ته ايندڙ اليڪشن تحريڪ لبيڪ پاڪستان جو ساٿ ڏئي ملڪ ۾ نظام مصطفي صلي الله عليه وسلم نافذ ڪرڻ ۾ اسان جو ساٿ ڏين ۽ هنن ڪرپٽ حڪمرانن جو خاتمو آڻن جن اڄ ڏينهن تائين عوام جورت چوسيو آهي

بقايا سنڌيار 22

هال ۾ شاگردن ۽ شاگردياڻين ۾ اويئرنيس پيدا ڪرڻ لاءِ سيلف اسيسمينٽ ٽيسٽ ورتي وئي جنهن ۾ 20 اسڪولن جي 300 کان وڌيڪ ٻارڙن شرڪت ڪئي ان موقعي تي اسٽوڊنٽس ويلفيئر آرگنائيزيشن جي اڳواڻن زين ظفر ميمڻ عرفان رضا ممنائي عديل رضا صفدر عباس ۽ ٻين جوچوڻ هو ته هن ٽيسٽ وٺڻ جو مقصد اهو آهي ته اسان ٻارن کي اها اويئرنيس ڏيڻ چاهيون ٿا ته هو مستقبل جي حوالي سان جيڪي يونيورسٽين آءِ بي پبلڪ سروس ڪميشن سميت جيڪي ٻين ادارن جون ٽيسٽون آهن اهي ڪيئن ڏجن يا وري پيپر جي تياري ڪيئن ڪجي ۽ او ايم آر واري شيٽ ڪيئن ڀرجي ليڪن اوايئر آرجي شيٽ بابت ڄاڻ نه هجڻ ڪري ڪيترائي هوشيار ٻار ٽيسٽ ۾ فيل ٿيو پون اسان ڀهريون پيرو نوشهروفيروز ۾ ٻارن کي ڄاڻ ڏيڻ لاءِ ٽيسٽ منعقد ڪئي آهي جنهن سوين تعداد ۾ ٻارڙا ڏسي ڏاڍي خوشي ٿي آهي اسٽوڊنٽس ويلفيئر آرگنائيزيشن مفت ۾ ٻارن کي آگاهي ڏئي رهي آهي ٻارڙن کي گهرجي ته هٿڙين ٽيسٽن ۾ وڌ کان وڌ حصو وٺن هنن جو وڌيڪ چوڻ هو ته اسان سنڌ حڪومت ۽ تعليم جي وزير کان مطالبو ڪيون ٿا ته سڄي سنڌ اندر ٻارڙن ۾ اويئرنيس پيدا ڪرڻ لاءِ هن قسم جا پروگرام منعقد ڪرائي ته جيئن ٻارڙن جو مستقبل روشن بڻجي پوي ۽ پاڪستان جي ڪنهن به اداري ۾ ٽيسٽ ڏيڻ وقت کين ڪا دشواري پيش نه اچي جڏهن ته پروگرام جي آخر ۾ ٽيسٽ ۾ شرڪت ڪندڙ سيني شاگردن ۽ شاگرديائين جي حوصلا افزائي لاءِ ايپريشيئيٽ سرٽيفڪيٽ ورهايا ويا ان موقعي تي عبدالعليم ڀاٽ اسد علي لوهاڄ آصف علي فياض ٻرڙو اظهر علي وسڻ ۽ ٻيا پڻ موجود هئا

بقايا سنڌيار 23

ڪالهه جوڊيشنل مئجسٽريٽ لڪت ۾ فيصلو ڏنو ته ايس ايڇ او غوثپور احمد نواز جکراڻي وڏو منشي عبدالله چنو ۽ ننڍو منشي بخت سومري سميت ستن ڄڻن خلاف ڪوڙو مقابلي ۾ ٻن نوجوانن کي قتل ڪرڻ جو ڪيس داخل ڪيو وڃي فريادي مقتولن جا وارث ڪورٽ جو ليٽر کڻي ڪيس داخل ڪرائڻ لاءِ غوثپور ٿاڻي تي پهتا ته ٿاڻي جو ايس ايڇ او موڪل تي هجڻ جو جواز ڄاڻائي ڪيس داخل نه ٿي سگهيو غوثپور پوليس ٿاڻي جي منشي جو چوڻ هو ته ايس ايڇ او موجود ناهي اسان ڪيس داخل نٿا ڪري سگهون جڏهن ايس ايڇ او اچي ته پوءِ ڪيس ڪنداسين. مقتولن جا وارث بنا ڪيس داخل ڪرائڻ جي واپس گهر موٽي ويا

بقايا سنڌيار 24

هارون رند جي پاءُ نصرالله رند صحافين سامهون دانهيندي ٻڌايو ته منهنجو پاءُ بدين ضلعي کان ڪراچي جي عبدالله شاهه غازي ڳوٺ ۾ روزگار سانگي آيو جيڪو بورنگ ڪندڙ مستري آهي اڄانڪ 15 جنوري کان پوءِ گم ٿي ويو. ان چيو ته آءُ بدين کان ڪراچي پهچي پنهنجي منهن پنهنجي پاءُ جي ڳولا ۾ ڏايا وس ڪيا ڪافي ڳولا ڪيو پر ڪو پتو نه پيو ان کان پوءِ آءُ حد جي پوليس سچل ڳوٺ ٿاڻي تي پهتس پر پوليس مدد ڪرڻ ۾ ڪڪ پچي ٻيٺو نه ڪيو. ان چيو ته اسان ملير ڪورٽ جي حڪم تي سچل ڳوٺ ٿاڻي تي ڪيس داخل ڪرايو آهي، پر پوليس ڪجهه نٿي ڪري منهنجي پاءُ کي هڪ مهينو ٿي ويو جيڪو گم آهي اسان جي گهر ۾ ڪهرام متل آهي. آءُ ايڏي وڏي شهر ۾ پاءُ کي ڪٿي ڳوليان اوهان ميڊيا جا صحافي ۽ ڳولا ۾ مدد ڪيو. ان وڌيڪ چيو ته مون کي شڪ آهي ته منهنجي پاءُ کي ڪنهن اغوا ڪري ڇڏيو. خدا واسطي آءُ تمام ادارن ۽ سپريم ڪورٽ سميت اعلي عدليا ۽ وزير اعليٰ سنڌ. آئي جي سنڌ، ڊي جي رينجرس کي اپيل ڪيان ٿو ته منهنجي پاءُ کي بازياب ڪرايو وڃي ٻي صورت ۾ ٻچن سميت ڪراچي پريس ڪلب آڏو بک هڙتال تي ويهي رهندس.

بقايا سنڌيار 25

جي ڊپٽي روانگي کان اڳ آصف علي زرداري سان الڳ الڳ ملاقات ڪري ضلع ڪائونسل بدين جي چيبر مين جي سيٽ تي اميدوار جي خواهش ظاهر ڪئي جنهن تي آصف علي زرداري هنن کي چيو ته اهو فيصلو بلاول ڪندو ۽ جيتريقدر مون کي ڄاڻ آهي ته بلاول جو اهو فيصلو آهي ته ماضي ۾ پ پ پ مخالف چونڊ لڙهندڙن ۽ نون آيلن ۽ جن کي سنڌ حڪومت ۾ عهدا مليل آهن انهن کي مقامي ادارن جي چيبر مين جون سيٽون نه ڏنيون وينديون ۽ هن سيٽ تي ڪنهن ورڪر کي ٽڪيٽ ڏني ويندي جنهن تي پيپلزپارٽي انهن اڳواڻن ۾ زبر دست مايوسي ڦهلجي وئي آهي پارٽي جي ذريعي ٻڌايو ته وڏي وزير جي معاون خاص ارباب لطف الله ۽ بدين جو ايم پي اي حاجي تاج محمد ملاح پيپلزپارٽي

جي ضلعي جنرل سيڪريٽري حاجي سائين بخش جمالي کي ضلع ڪائونسل بدين جو چيبر مين نامزد ڪرائڻ لاءِ ڪراچي ۾ ڪيمپ لڳائي ڇڏي آهي ذريعي ٻڌايو ته بلاول ڀٽو جي فيصلي جو ٻڌڻ پارٽي ڪارڪنن ۾ سرهائي اچي وئي آهي ڇا ڪاڻ ته هن وقت پارٽي جي چونڊيل نمايندن وزير مشيرن ۽ خاص معاونين ۽ پارٽي عهديدارن جي اڪثريت ماضي ۾ پ پ پ سامهون چونڊون وڙهيا آهن انهن جي رين جي ڪري سنڌ ۾ پارٽي کي به مشڪلاتو اچي رهيون آهن ۽ ڪارڪنن جو وڏو انگ انهن جي ڪري پارٽي کان ڌار ۽ مايوس ٿيندو پيو وڃي ان ڪري هن دفعي مقامي ادارن تي اوليت انهن پارٽي ڪارڪنن کي ڏيڻ جو بلاول ڀٽو زرداري فيصلو ڪيو آهي

بقايا سنڌيار 26

جي سرپرست اعليٰ ملڪ صديق ملاح، صدر اسماعيل سرويچ، جنرل سيڪريٽري امتيازميمڻ، ڪاشف جوڻيجو، ساگرسليم ڪوسو نجيب سرويچ، جاني جوڳي، وجاهد شاهه، عطامحمد ميربحر ۽ ٻين محمد علي خان ملڪاڻي کين مبارڪون ڏيڻ تي سندس شڪريو ادا ڪندي صدر پريس ڪلب محمد اسماعيل سرويچ، سرپرست اعليٰ ملڪ صديق ملاح، جنرل سيڪريٽري امتياز ميمڻ، سيدممتازعلي شاهه، نجيب سرويچ ۽ ٻين صحافين پاران ضلع صدر محمد علي خان ملڪاڻي کي سنڌ جي روايتي سوکڙي اجرڪن جا تحفا پڻ پيش ڪيا ويا. ان موقعي تي رئيس محمد علي خان ملڪاڻي چيو ته صحافت هڪ مقدس ۽ پيغمبري پيشو آهي. صحافي بنا ڪنهن لالچ جي هر ڏکايل ماڻهن جي واهر ڪرڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪندا آهن . منهنجي لاءِ سمورا صحافي عزت احترام جا لائق آهن. هن چيو ته پيپلز پارٽي هميشه عوام جي حقن جي ڳالهه ڪئي آهي. پيپلز پارٽي عوامي پارٽي آهي جيڪا عوامي مسئلن سميت مذهب. سياست. ترقي تبديلي ۽ جمهوريت جي ڳالهه ڪئي آهي. اسان پيپلز پارٽي جي پليٽ فارم تان سڄاول ضلع جي عوام سان هر وقت خدمت ۾ حاضر رهنداسين. انهن جي هر ڏک ۽ سک ۾ اسان جو ساٿ رهندو ان موقعي تي پ پ پ ضلع انفارميشن سيڪريٽري منظور رحيم پليجو تعلقه صدر ڊاڪٽر اقبال ميمڻ. شهمير گمبول ميمڻ، ڊاڪٽر هريش ڪمار، حاجي مامون قريشي، يوسف جمالي، محمد حنيف ولڙو، عبدالغني راهيمون، فاروق ميمڻ، لياقت سومرو، عبدالغفور ميمڻ ۽ ٻيا ساٿس گڏ هئا.

بقايا سنڌيار 27

ڪي ڊي اي او بدين الهڏنو ملاح، پرنسپال ڪريم بخش پنهور، مير محمد بخش ٽالپر، خالد حسين رستماڻي، منور تبسم ڪتري ۽ ٻين مير غلام محمد ٽالپر جي 91 ورسي واري تقريب کي خطاب ڪندي چيو ته مير غلام محمد ٽالپر لاڙ جي پوئتي پيل علائقي ۾ پنهنجي ڪيسي مان لکين روپيا خرچ ڪري اسڪول قائم ڪيو جنهن مان هميشه لاءِ علم جي لاٽ ٻرندي رهندي. هنن چيو ته مير غلام محمد ٽالپر جي هن اسڪول مان هزارين شاگرد پڙهي وڏن عهدن تي پهتا آهن. ورسي واري تقريب ۾ اسڪول ۾ پڙهندڙ شاگردن وچم تقرير ڪرڻ، قرعت ۽ نات پڙهڻ جي مقابلي ۾ نمبر کڻندڙ شاگردن کي اسڪول انتظاميا پاران روڪ رقم جا انعام ڏنا ويا.

بقايا سنڌيار 28

جي اڳوٽي سيڪريٽري جنرل ڊاڪٽر ادل سومرو جي صدارت ۾ ٿي جنهن کي خطاب ڪندي ڊاڪٽر ادل سومرو چيو ته سنڌي ادبي سنگت جو ماضي ۽ حال شاندار آهي ايشيا جي هي واحد تنظيم آهي جنهن مزاحمت جا ڏک ڏنا آهن ۽ دادا گوبند مالهي جيڪو پوٽو بوڪيو اهو علم جي خزاني طور وڏي هڪ وڻ ٿي چڪو آهي سنگت جي اڳوٽي مرڪزي سيڪريٽري جنرل ۽ براهه ڪاسٽر مختيار ملڪ چيو ته سنڌي ادبي سنگت جي ڊائمنڊ جوبلي جي حوالي سان هن شاندار تقريب ۾ شرڪت مون لاءِ وڏو اعزاز آهي، سنڌي ادبي سنگت کوڙ سارين تحريڪن کي جنم ڏنو آهي سنگت جي سيڪريٽري جنرل تاج جويو چيو ته ساهتي پرڳڻي کي وڏو اعزاز حاصل آهي جو گوبند مالهي هن پرڳڻي جي شهر ٽاروشاهه ۾ جنم ورتو هو ساهتي پرڳڻي جو اديب هو پر ترقي پسند اديب هئڻ ڪري ڪيس پوري سنڌ هند ۾ مڃتا ملي ۽ هينئر به سنڌي ٻولي کي قومي ٻولي جو درجو ڏيارڻ جي لاءِ جدوجهد جي عمل ۾ آهي. ان موقعي تي ناميارا اديب اصغر پٽي پرياڻي، آزاد انور ڪانڌڙو مرڪزي آبيٽر حسين سارنگ، ڪهاڻيڪار لياقت رضوي، ايم ظفر تگر، احساس ميرل، شتاب زرداري، اشفاق احمد تگر، ماهنور شيخ، سوز جتوئي، غفار عباسي، عبدالستار لهراڻي فرمان سهتو ۽ ٻين خطاب ڪيو پروگرام ۾ ڊائمنڊ جوبلي جو ڪيڪ ڪاٽيو ويو ۽ سنڌي ادبي سنگت مرڪز پاران پارس حميد ايوارڊ ضلع رابطا سيڪريٽري ايم ظفر تگر کي، خان محمد پنهور ايوارڊ رسول بخش گچيراڻي کي، گل مورو ايوارڊ سبحان سوز جتوئي کي، پروفيسر قاضي نذير ايوارڊ رضا لاتگاهه کي ڏنو ويو جڏهن ته پروگرام ۾ شاخ بچل مهر پاران پڻ دادا گوبند مالهي ايوارڊ ڏنا ويا، پروگرام ۾ ڊپٽي ڊائريڪٽر انفارميشن محمد موسيٰ گوندل، امجد ميمڻ ۽ ٻين شرڪت ڪئي.

بقايا سنڌيار 29

ٽنڊو محمد خان جي سينئر صحافي مظفر علي بروهي جي والده ماجده جي وفات تي صحافين سميت سياسي سماجي اڳواڻن علائقي جي معززين ۽ رشتيدارن وڏي تعداد ۾ صحافي جي ڏڏي ڳوٺ بشير احمد بروهي ۾ پهچي تعزيت ڪئي سياسي سماجي اڳواڻن صحافين سميت سوين ماڻهن پاران تعزيت ڪئي ان موقعي تي شيخ پرڪيو پريس ڪلب جي سرپرست اعلا ايڊوڪيٽ عباس ٿهيم پريس ڪلب شيخ پرڪيو جو صدر غلام مصطفي ڪاتيار اي ڊي شاهاڻي ايڊوڪيٽ جي ايم لغاري مسلم لغاري مير نواب مظفر ٽالپر ايس ايڇ او رياض حسين رند ايس ايڇ او رياض احمد بجاراڻي پي ٽي الف اڳواڻ عارف قريشي سميت ڊسٽرڪٽ پريس ڪلب جي چيئرمين سينئر صحافي غلام نبي ڪيريو ٽنڊو محمد خان پريس ڪلب جي خزانچي جبار بلوچ ساحل اياز پلي ممتاز جسڪاڻي اياز خان سميت ٻين وڏي تعداد ۾ صحافي مظفر بروهي سان ڳوٺ بشير احمد بروهي ۾ پهچي سندس والده جي وفات تي تعزيت ڪئي جڏهن ته صحافي سان سندس ڏڏي تي ڳوٺ بشير احمد بروهي ۾ تعزيت جو سلسلو جاري آهي

بقايا سنڌيار 30

حال آهن اهڙو اظهار بدين ضلع جي اڳوڻي ناظر انور هاليپوٽو جي نوجوان فرزند نور قلندر بخش هاليپوٽو گلاب لغاري پرسان ڳوٺ ميو لغاري ۾ ميو لغاري ۽ ٻين ڳوٺاڻن پاران ڏنل آجياڻي کي خطاب ڪندي ڪيو هن چيو ته ايندڙ وڏي چونڊ ۾ پي ايس تعلقي ماتلي تي

آزاد اميدوار طور اليڪشن ۾ حصو وٺندس اميد ته عوام جي ساٿ سان ملڪ لٽيندڙن کي شڪست ڏينداسون چو حڪمرانن جي غلط پاليسين سبب غريب عوام جو جيئڻ جنجال بڻجي ويو آهي انهي موقعي حاجي عبدالجبار سرپوال ائڊووڪيٽ فياض لغاري اعتزاز حسن لکي محمد دستي مير حسن آريسر عبيد الله پان ارباب ڪريم نهڙيو ۽ ٻيا پڻ موجود هئا ميزبان ميو لغاري طرفان مهمانن کي اجرڪن جا تحفا پڻ پيش ڪيا ويا

بقايا سنڌيار 31

آڏو مظاهرو ڪيو ويو. ان موقعي تي اڳواڻن چيو ته سنڌ سميت سڄي ملڪ ۾ مهانگائي جو طوفان برپا آهي جنهن سبب غريب ماڻهو هڪ ويلي جي ماني لاءِ به پريشان آهي ، مهانگائي جي طوفان سبب غريب مسڪين ماڻهو پنهنجي ٻارن کي وڪڻ سان گڏ خودڪشيون ڪرڻ تي مجبور آهن ، سنڌ ۾ حڪومت جي غلط پاليسين جي ڪري سڄي سنڌ جو عوام مهانگائي جي طوفان جي ڪري وڌيڪ متاثر ٿيل آهي، ، هنن چيو ته سنڌ جا روڊ رستا تباهه ٿيل آهن ، سنڌ سان ٿيندڙ ناانصافين جو سلسلو ختم ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جاري رکيو ويندو ، ان موقعي تي نابين شاعر، فنڪار مرتضيٰ رند پنهنجي ڳائيڪي ذريعي مهانگائي جي خلاف گيت ٻڌائي ڌرڻي ۾ شامل ڪارڪنن کي جذباتي ڪري ڇڏيو.

بقايا سنڌيار 32

اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جنهن کي خطاب اڳواڻن چيو ته سموري ملڪ ۾ عام واهپي جي شين رڪارڊ توڙ مهانگائي غريبن جي جيئڻ جو حق به کسي ورتو آهي غريب خودڪشي ڪرڻ تي مجبور آهن هنن چيو ته هر ايندڙ نئين حڪمران ڪرپشن جا نوان رڪارڊ قائم ڪيا آهن ملڪ جي لٽيل دولت تي ٻاهرين ملڪن ۾ عياشيون ڪري رهيا آهن ملڪ کي آئي ايم ايف وٽ گروي رکيو ويو آهي هنن چيو سنڌ کي پيپلز پارٽي مڪمل تباهه ۽ برباد ڪري ڇڏيو آهي صوبي ۾ قانون جي حڪمراني نالي ڪا شئي ناهي ماڻهو ظلم جي گهاڻي ۾ پيسجي رهيو آهي ٻوڏ متاثرن لاءِ آيل اربين رپيا حڪمران هڙپ ڪري چڪا آهن عوام کي ڪو به رليف نه مليو آهي لاقانونيت انتها درجي پهچائي عوام کي چورن ڌاڙيلن ڦورن جي رحم ڪرم تي ڇڏيو ويو آهي هنن مطالبو ڪيو سپريم ڪورٽ آف پاڪستان جو چيف جسٽس نوٽيس وٺي هٿرادو مهانگائي بدامني ملڪي ناٿو لٽيندڙ کان سخت بچائو ڪري ملڪ کي ظالم حڪمرانن مان نجات ڏياري

بقايا سنڌيار 33

سبب سيراڻي شهر جي پورهيت جميل ٿهيمور جي ٻارهن مهينن جي نياڻي اوپريا ارڙي سبب فوت ٿي وئي جڏهن ته ساڳئي گهر ۾ پنج ورهين جي سميرا ۽ چار ورهين جي سويرا پڻ به ارڙي ۾ وڪوڙيل آهن ان ڏس ۾ معلوم ٿيو آهي ته سيراڻي شهر جي ٿهيمور پاڙي ۾ پيا به ڪيترائي ٻار ارڙي بيماري ۾ ورتل آهين جن ۾ ڇڻن ورهين جو سانوڻ پٽ علي مراد پنجن ورهين جي صائمه ڌي علي مراد ۽ پنجن سالن جي سلمه ڌي محمد علي ٽن سالن جي سلمه ڌي محمد علي ۽ خميسو پٽ گل محمد شامل آهن پر ضلع انتظاميه يان صحت کاتي کي اپاءُ نه ورتا جنهن سبب موذي مرض ڪيترن ٻارن جون جانيون ضايع ٿيڻ جو خدشو آهي ان ڏس ۾ سيراڻي جي سياسي سماجي ڌرين سيد حيدر شاهه رزاق ملاح صالح رند اسلم ملاح اشفاق منڊرو ۽ ٻين اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي سيراڻي ۽ آس پاس ۾ ارڙي موذي مرض تي ضابطو آڻي معصوم انساني جانيون بچايون وڃن

بقايا سنڌيار 34

۾ روڊ جي مسافرن جي مدد ڪرڻ ۽ انهن جي سفر کي آسان ۽ محفوظ بنائڻ لاءِ ايڊيشنل آءِ جي سلطان خواجا ۽ ڊي آءِ جي جاويد علي مهر جي هدايت تي ڪڻ زون جي سمورن سيڪٽرن حيدرآباد. سکر سڪرند. لاڙڪاڻو سيوهڻ ۽ ڪراچي ۾ آفيسر موڪلن دوران خاص ڪري ڇنڇر ۽ آچر جي ڏينهن تي روڊ استعمال ڪندڙن جي مدد ڪرڻ لاءِ مقرر ڪيا ويا آهن ان حوالي سان ڊي آءِ جي موٽروي پوليس سائوٿ زون جاويد علي مهر جو چوڻ آهي ته نيشنل هاءِ وي ۽ موٽروي تي موڪلن دوران اڪثر گاڏين جي رش هوندي آهي، ان ڪري نيشنل هاءِ وي تي سمورن ٽال پلازن ۽ گائيڊنس سينٽرس تي موٽر وي پوليس جا وڌيڪ آفيسر موجود هوندا آهن. روڊ سيفٽي بابت بريفنگ ڏيڻ کان علاوه ڊرائيورن ۽ مسافرن کي هر ممڪن مدد فراهم ڪري رهيا آهن. جنهن ۾ روڊ سيفٽي پمفليٽ، بڪ ليٽ، اسٽيڪرز ڏنا پيا وڃن ۽ روڊ سيفٽي بابت وڌيڪ آگاهي حاصل ٿي سگهي. ڊي آءِ جي موٽروي پوليس چيو ته روڊن تي سفر کي آسان ۽ محفوظ بڻائڻ لاءِ موٽروي پوليس جا آفيسر 24 ڪلاڪ روڊن تي موجود آهن. ڊرائيور به موٽروي پوليس جو ساٿ ڏين ۽ گاڏيون احتياط سان هلائين ۽ قانون موجب گاڏيون هلائين ته جيئن مڪمل طور تي حادثن تي ضابطو آڻي سگهجي

بقايا سنڌيار 35

مورو پوليس منشيات فروش کي چرس سميت گرفتار ڪري ورتو گرفتار جوابدار نديم شاهه جي قبضي مان 1100 گرام چرس هٿ ڪري نارڪوٽڪس ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪيو ويو لاکا روڊ پوليس شراب جي بلي تي ڪارروائي ڪندي منشيات فروش کي شراب سميت گرفتار ڪري ورتو. جڏهن ته ٻه منشيات فروش فرار ٿي ويا. گرفتار جوابدار نصير احمد ڏاهري جي قبضي مان 55 ليٽر ديسي شراب هٿ ڪري نارڪوٽڪس ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪيو ويو محرابپور ٿاڻي جي پوليس ڳجهي اطلاع تي جوا جي اڏي تي ڪارروائي ڪندي 09 جوارين کي گرفتار ڪري ورتو گرفتار جوابدار شعبان چانڊيو شهباز سومرو ميان داد گهانگهرو شهزادو دايو عدنان آرائين، رشيد چانڊيو ارشاد مگٺهار، سجاد سومرو ۽ غلام اڪبر آرائين 104 نمبر تاش، جا پتا 05 موبائيل فون، روڪ رقم . هٿ ڪيو ويو ۽ جوا ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪيو ويو

بقايا سنڌيار 36

پاڙي جي جي رهواسي رٽائرڊ فوجي عباس شورو جي پٽ اصغر کي بدين ٿاڻي جي اهلڪارن گهٽڪن جي ڪٽي سميت پڪڙيو هو پر اصغر جي ننڍي عمر هئڻ سبب ڪيس آزاد ڪيو ويو هن جو چوڻ آهي ته رٽائرڊ فوجي عباس شورو منشيات فروش آهي جيڪو معصوم پٽ کي منشيات جي خريدوفروخت لاءِ استعمال ڪري رهيو آهي پٽ جي پڪڙجي پوڻ بعد منهنجي ڪردار ڪشي تي لهي آيو آهي هن جو چوڻ آهي ته مون عباس شورو جي پٽ تي ڪوبه تشدد نه ڪيو آهي مون خلاف الزامن ۾ ڪا صداقت نه آهي

بقايا سنڌيار 37

مان ڪامياب ٿيندڙ چيئرمين، وائيس چيئرمين ضلعي ڪائونسل ميمبرن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي پ پ

پ ضلعي صدر ايم اي اي رفيق احمد جمالي تقريب کي خطاب ڪندي چيو ته سولنگي برادري جو ٿورائتو آهيان جنهن تقريب ڪوٺائي دادو ضلعي ۾ ڪامياب ٿيندڙ پ پ پ اميدوارن کي تقريب ۾ گڏ ڪيو هن چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي عوامي پارٽي آهي، پ پ پ جو هر اڳواڻ توڙي ورڪر عوام جي مسئلن تي اڳي بيهندو آهي ۽ ان جي حق لاءِ هميشه آواز اٿاريندو آهي، هن چيو ته دادو ضلعو پ پ پ جو قلعو آهي ۽ هميشه رهندو، تازو مڪاني اليڪشن ۾ دادو جي عوام ثابت ڪري ڏيکاريو ته دادو ضلعي جي عوام اڄ به پاڪستان پيپلز پارٽي سان گڏ آهي، شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ۽ شهيد راڻي بينظير ڀٽو جي پارٽي سان دادو جي عوام بي انتها محبت ڪري ٿي ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي جي اميدوارن کي وڏي اڪثريت سان ووٽ ڏئي ڪامياب ڪري ايوانن تائين پهچائي ٿي، هن چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي عوام جي ڏک ۽ درد کي سمجهي ٿي، سولنگي ويلفيئر آرگنائيزيشن چيئرمين عرفان سولنگي چيو ته آگسٽ 2022 ۾ پورو ضلعو ٻوڏ متاثر رهيو لکين ماڻهن جا اجها ڪري پٽ پئجي ويا، سندن فصل لڙهي ويو ٻوڏ جي پاڻي کي رستو ڏيارڻ لاءِ پ پ پ جو هر ورڪر ڏينهن رات هڪ ڪري جاڳي پنهنجن ماڻهن جي ڏکن دردن ۾ سهارو بڻيو جنهن تي سندس عوام کين موٽ ۾ ووٽ ڏئي پ پ پ اميدوارن کي ڪامياب ڪيو. پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري کين واعدو ڪيو ته جنهن جنهن جو به نقصان ٿيو آهي انهن کي اجها ٺهرائي ڏنا ويندا ۽ تازو متاثر ماڻهن کي امداد جي قسط ملڻ شروع به ٿي وئي آهي، هن چيو ته هن وقت سنڌ ۾ مختلف ٽيسٽن ذريعي ميرٽ تي نوجوانن کي نوڪريون ملي رهيون آهن، هن چيو ته پيپلز پارٽي جو مقصد عوام جي خدمت آهي ۽ عوام جي خدمت تي ئي اسان يقين رکون ٿا، جلد بلاول ڀٽو زرداري وزيراعظم پاڪستان بڻبو

بقايا سنڌيار 38

ڪان 5 سالن جي عمر جا ٻار شامل هئا غذائي ڪوٽ جي مريضن کي تيار ڪيل فوڊ پيڪيٽ پڻ ڏنا ويا. ۽ جيڪي ماڻهو قد ۽ جسم جي لحاظ کان ڪمزور آهن ۽ تازو برساتن کان متاثر ٿيل ماڻهن جو مفت چيڪ اپ ۽ انهن کي دوائون فراهم ڪيون ويون وڌيڪ ميڊيا سان شفا فائونڊيشن موبلائيزر عبيدالله بروهي ڳالهائيندي چيو ته شفا فائونڊيشن جو مقصد ڳوٺن ۾ روزانو ميڊيڪل ڪيمپون لڳائڻ آهي جتي 5 مهينن کان 6 سالن جي ٻارڙن جو علاج ڪيو وڃي ٿو غذائي ڪوٽ جو شڪار ٻارڙن کي هڪ مهيني جي دوايون سان گڏ مهيني جو فالواپ ڏنو وڃي ٿو اسان سان گڏ ڊاڪٽرن جي ٽيم جنهن ۾ I.Y.C.F ۽ L.H.V شامل آهن حامله عورتون ۽ ٻارڙن کي کير پياريندڙ مائرون جيڪي غذائي ڪوٽ جو شڪار آهن انهن کي پڻ مڪمل ڪاؤنسلنگ ڪئي وڃي ٿي ته جيئن حامله عورتون صحتمند رهن ۽ نارمل ڊليوري ڪرائي سگهن ۽ اهي مائيرون جيڪي پنهنجن ٻچن کي کير پيارين ٿيون ان کير پيارڻ جي ڪري انهن مائرن ۾ ڪمزوري جي ڪري کير جي مقدار ۾ ڪمي ٿيي ٿي ۽ اهي ٻارڙن کي ٻاهريو کير پيارين ٿيون ۽ اهي ٻارڙا ڪمزور ٿين ٿا انهن ٻارڙن سميت مائرون کي پڻ دوايون ڏنيون ويون آهن شفا فائونڊيشن پاران رورل هيلٿ سينٽر سونهري فارم ۾ مفت ڊليوريون پڻ ڪيون پيون وڃن

بقايا سنڌيار 39

خلاف سخت نعري بازي ڪئي وئي سندن چوڻ هو ته ڪيترن سالن جي جدوجهد ڪان بعد عادليور کان لاڪولنجاري روڊ جو ڪم شروع ٿيو پر افسوس جو روڊ جو ڪم ڳوٺ اسماعيل مهر ۾ بند ڪري ڪيترن ئي ڳوٺن کي روڊ جي سهولت کان محروم ڪيو ويو آ جيڪا هتان جي رهواسين سان ناجائزي ڪئي وئي آهي احتجاج ڪندڙ بلاول ڀٽو زرداري وزير اعلي سنڌ پ پ اين اي چيف سردار محمد بخش خان مهر سميت اعلي اختيارن کان مطالبو ڪندي چيو ته اڌ ۾ ڇڏيل روڊ لاکو لنجاري تائين مڪمل ڪرائي ڏنو وڃي ٻئي ۾ صورت سخت احتجاج ڪيو ويندو

بقايا سنڌيار 40

اقليتي نوجوان معذور جي مخصوص سيٽن تي پيپلزپارٽي طرفان حقيقي اميدوارن ۽ پارٽي ورڪرن بجاءِ وڏن زميندارن سرمائيدارن کي ملڻ جو انڪشاف ٿيو آهي اهي ان ڏس ۾ پيپلزپارٽي جي هڪ جيالي عهديدار نالو ظاهر نه ڪرڻ جي شرط تي ٻڌايو ته هاري جي سيٽ لاءِ اهليت ٻارهن ايڪڙ کان گهٽ واري اميدوارن جي آهي پر ضلع ڪائونسل ۾ هاري جي مخصوص سيٽ تي هزارين ايڪڙ زمين رکندڙ هڪ اڳوڻي ضلع ناظر ڪراچي بدين حيدرآباد ۾ زمين بنگلا رکندڙ ضلع ڪائونسل جي اڳوڻي چيئرمين سميت ٻين زميندارن کي ڏيڻي اصل ورڪرز جو حق ماريو پيو وڃي ساڳئي صورتحال ميونسپل ڪميٽي ٽائون ڪميٽي ۽ ٻين يونين ڪائونسلز ۾ مخصوص سيٽن تي آهي هن جو وڌيڪ چوڻ آهي ضلع ڪائونسل ميونسپل ڪميٽيز ۽ ٽائون ڪميٽيز ۽ هاري مزدور جي مخصوص سيٽ وڏن زميندارن ۽ سرمائيدارن کي ملڻ سان نه اصل ورڪرز جو حق ماريو پيو وڃي پر ڪنهن جي به ثبوتن سميت اعتراض تي اها سيٽ رد ٿيڻ جو امڪان آهي هن مطالبو ڪيو ته مخصوص سيٽن تي پارٽي ورڪرن عهديدارن کي ڏيڻي ٻي چيٽي ختم ڪئي وڃي.

بقايا سنڌيار 41

ايڊمنسٽريٽر ڊي ايم سي ايسٽ سيد شڪيل احمد پڻ موجود هئا. ڪراچي هاڻي سائو پا گاڙهو نه پر سرسبز هوندو: ڊاڪٽر خالد مقبول صديقي رپورٽ موجب : ڪراچي ايم ڪيو ايم پاڪستان جي اڳواڻ ۽ ميمبر قومي اسيمبلي ڊاڪٽر خالد مقبول صديقي ۽ سنڌ جي گورنر ڪامران خان ٽيسوري ايڊمنسٽريٽر ڪراچي ڊاڪٽر سيف الرحمان، ايڊمنسٽريٽر ڊي ايم سي ايسٽ سيد شڪيل احمد ۽ ٻين سان ملاقات ڪئي، جنهن بعد ايڪسپو سينٽر ۽ سوڪ سينٽر جي سنگم تي قائداعظم يادگار ۽ پارڪ جو افتتاح ڪيو ويو آهي. ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي ڊاڪٽر خالد مقبول صديقي چيو ته ڪراچي هاڻي ڳاڙهو يا سائو نه پر سرسبز ۽ روشن ٿيندو هن وڌيڪ چيو ته ايڊمنسٽريٽر ڪراچي ،ڊاڪٽرسيف الرحمان. ايڊمنسٽريٽر ڊي ايم سي ايسٽ سيد شڪيل احمد ۽ ٻيا ڪراچي جي بهتري لاءِ ڪم ڪري رهيا آهن. جنهن جو ثبوت هي يادگار ۽ پارڪ آهي حق پرست ميونسپل آفيسرن جي اڄڻ کان پوءِ ڪراچي کي سرسبز ۽ شاداب شهر بنائڻ لاءِ ڪوششون شروع ڪري ڏني. ان موقعي تي گورنر سنڌ ڪامران خان ٽيسوري چيو ته هو ڪراچي جي رونق کي بحال ڪرڻ لاءِ شهر ۾ سمورين سرگرمين ڪنداسين. جيڪو ڪم 12 سالن ۾ نه ٿيو هو سو هاڻي ٿيندو. ايڪسپو سينٽر ۽ سوڪ سينٽر جي سنگم تي قائد اعظم يادگار ۽ ٻه ڪراچي هيئان پر حسن اسڪوائر پل کان به پرڪشش نظر اچي رهيو آهي، جنهن جو ڪريڊٽ ايڊمنسٽريٽر

ڊي ايم سي ايسٽ سيد شڪيل احمد کي وڃي ٿو ڪراچي کي مختلف مافيائن جي ڪري نقصان پهچايو ويو انهن خلاف سختي سان ڪارروائي ڪئي ويندي. گورنر سنڌ ڪراچي جي محرومين کي دور ڪرڻ لاءِ هر ممڪن قدم کنيا ويندا سندس وڌيڪ چوڻ هو ته هن 100 ڏينهن ۾ جيڪو مشاهدو ڪيو آهي ان مطابق ڪم ڪندو. هن ڪراچي جي ايڊمنسٽريٽر کي چيو آهي ته ڪراچي ۾ ڪلين اينڊ گرين ڪلچر سميت ٻين بنيادي مسئلن جي حل لاءِ ڪم ڪيو وڃي. ان موقعي تي ايڊمنسٽريٽر ڊي ايم سي ايسٽ سيد شڪيل احمد چيو ته جڏهن کان چارج سنڀالي آهي، اوير ضلعي جي بهتري لاءِ ڪوشش جاري آهي. اوير ضلعي جي علائقن ۽ روڊن کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي هن چيو ته هي يادگار ۽ پارڪ آهي ان موقعي تي ميمبر قومي اسيمبلي ڪشور زهرا، ميمبر صوبائي اسيمبلي غلام جيلاني، فوڪل پرسن امتياز پٽو سپرنٽينڊنگ انجنيئر مبين شيخ، سلمان ميمڻ، ڊائريڪٽرز توقير عباس، الاهي بخش، جام رضوان، خورشيد علي، زاهد بن خليل، محمد اڪرم خان، شباهت حسين، ارشاد علي، ڊيبريز ريموول انچارج راڻو شمشاد ۽ ٻيا آفيسر وڏي انگ ۾ موجود هئا.

بقايا سنڌيار 42

ريلي جي اڳواڻي مرڪزي ڊپٽي جنرل سيڪريٽري عنايت الله لاشاري، محمد پناهه ٽونيو خالد حسين چانڊيو شعيب چٽو عبدالحڪيم پٽو ۽ ٻين ڪئي. سنڌ ۾ قانون نالي ڪا شيءِ ڪٿي نظر نه پئي اچي لاقانونيت جو راڄ قائم آهي /عنايت الله لاشاري مهانگائي جو طوفان برپا ڪري غريب ماڻهن کان جياپي جو حق کسيو پيو وڃي / سماجي ورڪر نياز حيدري خبر موجب : واره ۾ قمبر ضلعي جي اڳواڻ علي اڪبر خاصخيلي تي ڪوڙي ڪيس خلاف قومي عوامي تحريڪ طرفان عوامي هائوس کان احتجاجي ريلي ڪڍي وئي ريلي واره شهر جي مختلف بازارن کان ٿيندي شهيد فاضل راهو چونڪ تي جلسي جي صورت اختيار ڪئي جتي احتجاجي ريلي ۽ ڌرڻي کي اڳواڻن ۽ سماجي ورڪرن خطاب ڪندي چيو ته سنڌ ۾ ناقص ۽ نااهل حڪمراني سالن کان ڪوڙ، ٺڳي ۽ بدنيتي جي بنيادن تي موجود آهي جنهن جي ڪري پوري سنڌ مسئلن ۾ وڪوڙيل آهي، هڪ طرف مهانگائي جو طوفان برپا ڪري غريب ماڻهن کان جياپي جو حق کسيو پيو وڃي ته ٻئي طرف بدامني ، ڪرپشن ، لاقانونيت جو راڄ موجود آهي ، سنڌ ۾ قانون نالي ڪا شيءِ ڪٿي نظر نه پئي اچي، سنڌ جي عوام کي ڌوهارين ، ڀوتارن ، لٽ سردارن جي رحم و ڪرم تي ڇڏيو ويو آهي،چورين، ڦرين،قتل غارات جا واقعا عروج تي آهن سنڌ سميت هر ضلعي جي ننڍن وڏن شهرن ۾ پورهيت طبقي جو جيئڻ جنجال ٿي ويو آهي . هنن چيو آهي علي اڪبر خاصخيلي تان ڪوڙو ڪيس ختم ڪري ڪيس انصاف ڏنو وڃي. قومي عوامي تحريڪ سنڌ جي ماڻهن جي حقن لاءِ جاکوڙي رهي آهي شهرين کي قانوني، آئيني ۽ انساني حق ڏيارڻ چاهي ٿي

بقايا سنڌيار 43

منشيات فروش علي لغاري انور لغاري حڪيم جت محبوب شاهه ۽ ٻين جي گرفتاري لاءِ انسان بچايو تحريڪ سنڌ جي سڏ تي سوين ڪارڪنن ۽ شهرين ماڻهن پريس ڪلب بلڙي شاهه ڪريم کان هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي مرڪزي چيئرمين چيئرمين شبير جمالي مرڪزي پريس ترجمان يعقوب جمالي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ پريس ڪلب بلڙي شاهه ڪريم کان شاندار ريلي ڪڍي منشيات فروشن ڊسٽرڪٽ مان زهريلي منشيات کي بند ڪيو ايس ايس پي ٽنڊو محمد خان هٽايو سي آئي انچارج ٽنڊو محمد خان هٽايو جا زوردار نعره انتظاميه خلاف ڇتي نعري بازي ڪئي وئي جڏهن ته شهيد بلو ڀنور چوڪ تي مظاهري کي خطاب ڪندي انسان بچايو تحريڪ سنڌ جي مرڪزي چيئرمين شبير جمالي ۽ مرڪزي پريس ترجمان يعقوب جمالي چيو ته ضلعي ٽنڊو محمد خان ۾ منشيات مين پڙي گٽڪو زهريلي سوپاري چرس آفيم ۽ آئيس خاص طور تي مين پڙي جو وڪرو ضلعي جي ننڍن وڏن شهرن رات ڏينهن هلندڙ آهي جنهن جي وڪري جي ڪروڙن جي مبينا منٿلي عيوض سي آئي انچارج شريف ڪوسو ۽ ايس ايس پي ٽنڊو محمد خان غلام نبي ڪيريو موڪل ڏئي ڇڏي آهي مين پڙي واپرائڻ سبب ڊسٽرڪٽ ٽنڊو محمد خان اندر ڪينسر جا ڪيترائي ڪيس روزاني جي بنياد تي ظاهر ٿي رهيا آهن جيڪو افسوسناڪ عمل آهي اسان وزيراعلي سنڌ سيد مراد علي شاهه آئي جي سنڌ غلام نبي ميمڻ ڊي آئي جي حيدر آباد سيد پير محمد شاهه ڊي جي رينجرس ۽ قانون نافذ ڪندڙ ادارن کان مطالبو ٿا ڪيون ته ضلعي اندر سرعام منشيات وڪرو ڪندڙ نذير گدي علي لغاري حڪيم جت محبوب شاهه ۽ ٻين جي اڏن تي ڇاپا هڻي ڪين گرفتار ڪيو وڃي ۽ سندن پشت پناهي ڪندڙ سي آئي انچارج ٽنڊومحمد خان شريف ڪوسو سندس ٽيم ۽ ايس ايس پي ٽنڊو محمد خان کي هٽايو وڃي ٻي صورت تمام جلد ڊي آئي جي حيدرآباد آفيس آڏو احتجاجي ڌرڻون هنيون وينديون

بقايا سنڌيار 44

شيخ کي يرغمال بنائي ڪانٽنس 20 لک روپيه روڪ رقم ۽ هڪ موبائل فون ڦر ڪري فرار ٿي ويا، جهرڪ ٿاڻي تي رپورٽ درج ڪرائڻ باوجود پوليس ڪا به ڪاروائي عمل ۾ اڻي ناهي سگهي، ياد رهي ته جهرڪ ۽ ان جي آسپاس ۾ چورين ۽ ڦرن جي وارداتن ۾ اضافو ٿيڻ ڪري عوسم ڦرجڻ روز جو معمول بڻجي ويو آهي، پر حد جي پوليس ننڊ ستل آهي، جيڪا ڌوهارين خلاف ڪا به ڪاروائي ڪرڻ لاءِ تيار ناهي، ڦرجي ويل عبدالحميد شيخ ايس ايس پي ٺٽو کان مطالبو ڪيو آهي ته ڦورن ڪانٽنس ڦر ڪيل رقم ۽ قيمتي موبائل فون واپس ڪرائي ڌوهارين خلاف سخت ڪاروايون ڪري عوام کي تحفظ مهيا ڪيو وڃي.

بقايا سنڌيار 45

ٻين جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ کان لنوائي رهي آهي گرفتاري عمل ۾ نه آئي ته احتجاج ڪيو ويندو، واپڊا ملازم خبر موجب ٽنڊو ڪوٽ جي واپڊا ملازم تي مبينا حملي واري واقعي جو ٿرپارڪر جي وجهو پوليس ٿاڻي تي پنج ڄڻن تي واپڊا ملازم حميد نهڙيو جي فرياد تي ڊيوٽي ۾ رخنو وجهڻ ۽ حملو ڪرڻ جو ڪيس داخل ڪيو ويو آهي ڪيس ۾ سليم چانڊيو غمشاد چانڊيو دوست علي چانڊيو دلشاد چانڊيو ۽ شمشاد چانڊيو نامزد ڄاڻايا ويا آهن. ان سلسلي ۾ زخمي حميد نهڙيو ٻڌايو ته منشيات فروشن مون کي حملو ڪري زخمي ڪيو ٻيهر مختلف طريقن سان ڌمڪائي رهيا آهن پر پوليس جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ کان لنوائي رهي آهي جڏهن ته جوابدارن کي سياسي سپورٽ هئڻ ڪري سرعام شهر ۽ آس پاس گهمي رهيا آهن. هن چيو اگر پوليس جوابدارن کي گرفتار نه ڪيو ته ٿرپارڪر پوليس خلاف احتجاج ڪيو ويندو.

جهرڪ لڳ راڄ ڳوٺ نالي ويجهو نامعلوم هٿيار بند ڦورن هٿيارن جي زور تي ڦر ڪري فرار

ايجنسي مالڪ عبدالحميد شيخ کي يرغمال بنائي ڪانٽنس 20 لک روپيه روڪ رقم ڦر ڪري

چورين ۽ ڦرن جي وارداتن ۾ اضافو ٿيڻ ڪري عوسم ڦرجڻ روزجو معمول بڻجي ويو آهي

ٺٽو (ب) جهرڪ لڳ راڄ ڳوٺ نالي ويجهو حيدرآباد جي دوائن جي ايجنسي مالڪ عبدالحميد نامعلوم هٿيار بند ڦورن هٿيارن جي زور تي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

تنڊو محمد خان ڳوٺ جهاڻ سومرو جي ڳوٺاڻي پاران احتجاجي مظاهرو

سيد امجد شاهه شيرازي پريس ڪلب ٽنڊو محمد خان ۾ پهچي احتجاج ڪيو

ته منهنجو پنهنجي ڳوٺاڻن عزيزن سان ڪوبه تعلق نه آهي، ڄاڃ ڪرائي وڃي: ڳالهيون

ٽنڊو محمد خان (رپورٽ: مظفر علي بروهي) ڳوٺ جهاڻ سومرو جي ڳوٺاڻي سيد امجد شاهه شيرازي پريس ڪلب ٽنڊو محمد خان ۾ پهچي احتجاج ڪندي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

ٽنڊو ڪوٽ ويجهو ڳوٺ حيات رند ۾ چانڊيا برادري ۽ پيل برادري وچم جهيڙو

زمين جي پراڻي تڪرار تان پيل برادري ۽ چانڊيا برادري وچم جهيڙو ٿي پيو، هڪ زخمي

دودي پيل سميت ٽن ڄڻن گڏجي مون تي حملو ڪري زخمي ڪيو آهي: زخمي نوجوان

ٽنڊو ڪوٽ (رپورٽر) ٽنڊو ڪوٽ ويجهو ڳوٺ حيات رند ۾ چانڊيا برادري ۽ پيل برادري وچم ۾ پراڻي تڪرار تان فائرنگ، هڪ ڄڻو زخمي، اسپتال /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

قومي ڪارڪن ماجد حيدري کي ڪنهن گم ڪرڻ خلاف ٽاروشاهه ۾ احتجاجي مظاهرو

جسم جي مرڪزي سڏ تي احتجاجي مظاهرو ڪنيبل نوجوان کي آزاد ڪرڻ جو مطالبو

بالادي نعمان ٻبر جي اڳواڻي ۾ احتجاج اڳواڻ جسم هائوس کان مظاهرو ڪيو ويو

ٽاروشاهه (رپورٽ: راشد علي ميمڻ) شڪارپور جي قومي ڪارڪن ماجد حيدري کي ڪنهن گم ڪرڻ خلاف جسم جي مرڪزي سڏ تي احتجاجي مظاهرو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

ٽنڊو ڪوٽ پرسان واپڊا ملازم تي مبينا حملي جو پنج ڄڻن تي ڪيس داخل

پوليس مک جوابدار سميت نامزد ٻين جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ کان لنوائي رهي آهي

پوليس جوابدارن کي گرفتار نه ڪيو ته ٿرپارڪر پوليس خلاف احتجاج ڪيو ويندو: ملازم

ٽنڊو ڪوٽ (رپورٽر) ٽنڊو ڪوٽ پرسان واپڊا ملازم تي مبينا حملي جو پنج ڄڻن تي ڪيس داخل. هڪ ڄڻو گرفتار، پوليس مک جوابدار سميت نامزد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

ٽنڊو ڪوٽ ۾ جيئي سنڌ محاذ ٿرپارڪر پاران وڌندڙ مهانگائي خلاف احتجاجي مظاهرو

حنيف مرزائي، آصف مرزائي، پڳوان داس، مصطفي خاصخيلي ۽ ٻين پاران احتجاج ڪيو ويو

عوام ٻن ويلن جي ماني لاءِ پريشان آهي، حڪمران کي عوام جي درد نٿا سمجهن: مظاهرين

ٽنڊو ڪوٽ (رپورٽر) ٽنڊو ڪوٽ ۾ جيئي سنڌ محاذ ٿرپارڪر پاران وڌندڙ مهانگائي خلاف حنيف مرزائي، آصف مرزائي، پڳوان داس، مصطفي خاصخيلي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

بدين جي الياس گوپانگ ڪالوني مان چور بينڪ آفيسر جو گهر ٻهاري ويا

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) الياس گوپانگ ڪالوني مان چور بينڪ آفيسر جو گهر ٻهاري ويا تفصيل موجب شهر جي وارڊ نمبر يارهن جي الياس گوپانگ ڪالوني ۾ نامعلوم چور رات جو بينڪ آفيسر مختيار ميمڻ جي گهر ۾ داخل ٿي روڪ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

حڪمران ٽيڪسن جا ٻر هٽي عيش عشرت واري زندگي گذاري رهيا آهن: شهري

مزدور ۽ ڏهاڙي دار طبقي جي اجرت وڌائڻ لاءِ حڪومت تيار ناهي جنهن ڪري پريشانيون آهن

چاڙتا مهانگي گهرن ۾ مفت جي گئس بجلي پيٽرول ۽ ٻيو غير قانوني مراعتون حاصل ڪري رهيا آهن

لاڙڪاڻو (رپورٽ) هٿرادو مهانگائي نادر مائري ڏينهن رات ڪرپشن ڪري عوام مٿان ٽيڪسن جا ٻر هي ڪهڙي جمهوريت آهي جتي نااهل حڪمران /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08